# ڪينجهر

سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي
١٩٨٧

# ڪينجهر

## (تحقيقي جرنل)

سرپرست:

مظهرالحق صديقي

وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي

○

ايڊيٽر:

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

هدايت پريم

سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ

١٩٨٧ع

سال ١٩٨٧ع] [تعداد ١٠٠٠

ڇاپو پهريون .... .... .... .... .... .... .... .... .... .... .... .... .... ١٩٨٧ع

ڇپائيندڙ جا سمورا حق ۽ واسطا قائم

ڪور ڊزائين:- محمد هاشم جوکيو

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

قيمت [redacted] روپيا

هي جرنل احمد نبي بخش شيخ، سنڌ پرنٽنگ پريس، اسٽال ٻوڙنڪا لين، حيدرآباد، ۾ ڇپيو ۽ چيئرمين، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


| عنوان | ليکڪ | ص |
| --- | --- | --- |
| ١- شاهه جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغات | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ۵ |
| ٢- روهڙي دا رهبر | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ۴۷ |
| ٣- شاهه جي ڪلام ۾ طالب ۽ مطلوب. | ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ | ۵٨ |
| ۴- جديد ڊراما | قاضي خادم | ۷٢ |
| ۵- سنڌي اصطلاح چوڻيون ۽ پهاڪا | نور افروز خواجه | ۷٩ |
| ۶- صليبن ڏي سفر | سحر امداد | ٩٣ |
| ۷- شاعريءَ جو سماجي ڪارج | قاسم ٻگهيو | ١٠٠ |
| ٨- ڪشميري ادب ۽ سنڌو ماٿر جو ادب | هدايت پريم | ١١١ |
| ٩- حيدرآباد ۾ سرائن جو خاندان | ڊاڪٽر قمر جهان مرزا | ١١٩ |
| ١٠- تبصرو- شيخ اياز: ساهيوال جيل جي ڊائري | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ١٣٨ |
| ١١- سنڌي شعبي جي اڳوڻن استادن جو تعارف ۽ تحقيق جو مختصر جائزو | هدايت پريم | ١۴۶ |
| ١٢- سنڌي شعبي ۾ لکيل ايم-اي جون ٿيسز ۽ مونوگرافس ۽ پي ايڇ-ڊي جون ٿيسز | ادارو | ١۵٢ |
| ١٣- سنڌي شعبي جي مخزن جي ڏسڻي | ادارو | ١۶٣ |
| ١۴- هن پرچي جا ليکڪ | | ١۷٠ |

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# شاهه جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغات

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جي موضوعن جو دائرو نهايت وسيع آهي. هر طبقي ۽ ذهني سطح جو ماڻهو شاهه جي رسالي مان ڪنهن نه ڪنهن حد تائين لاڀ پرائي ٿو. ڪيترن ماڻهن کي رسالي جي معني ۽ مفهوم کي سمجهڻ ۾ ڪي مسئلا درپيش آهن. رسالي ۾ آيل لفظن جي معني ۽ شرح جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل مهرچند، محمد بخش واصف، رسول بخش ڏيري، ڪمتر نقوي ۽ ٻين عالمن ڪم ڪيو آهي.

هيءَ لغات نه مڪمل لغات آهي ۽ نه سڀني لفظن جي تشريح. هن ۾ آهي لفظ آهن، جيڪي اسم خاص آهن، يا ماڳن مڪانن، جانورن، پکين، وڻن ٽڻن ۽ وڪرن جا نالا يا ڪي ٻيا اهڙا لفظ آهن، جن جي تشريح جي گهرج آهي.

اميد آهي ته هن مان رسالو پڙهندڙن جي گهرج پوري ٿيندي.

حوالن لاءِ هيٺيون تخفيفون قائم ڪيون ويون آهن:

الانا. ڊاڪٽر غلام علي الانا
بلوچ. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڀ. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.
ر. رائچند هريجن.
ش. غلام محمد شاهواڻي.
شيدا. مولوي محمد عظيم شيدا.
ع. عربي.
ق. قليچ بيگ.
ف. فارسي.
گ. ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي.
گج. گجراتي.
و. مولانا دين محمد وفائي.
هيم. هيمچندر.

## الف:

آبڙو : ماڻهوءَ جو نالو آهي. هي اهو شخص هو، جنهن دودي چنيسر جي جنگ ۾ سومرن جون ساهون جهليون هيون. سومرين شهزادين کي پناهه ڏيندي پنهنجي جان جوکي ۾ وڌائين. سنڌ جي هڪ قديم ۽ مشهور ذات به آهي.

آحمد : نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو سڳورو نالو.

آرمُ: هڪ قسم جو فلالين يا باريڪ لسو اوني ڪپڙو. (و).

آرغچ : هڪڙو عمدو ڪپڙو. (ق).

آڙل : اڙل، ارڏا وچيرا معني گهوڙن جا ڦر. هتي: تيز ۽ ڪڏڻ وارا گهوڙا.

آصغر : (ع) ننڍو. ماڻهوءَ جو نالو به آهي. سُر بلاول ۾ 'جهاد آصغر' يعني 'نفس مطمئنه سان جنگ'؛ جي مفهوم ۾ آيو آهي.

آعرابي : عرب ۾ ڳوٺن ۽ صحرا ۾ رهندڙن کي اعرابي چئبو آهي. مارئيءَ ۾ 'مارو ماڻهن' لاءِ آيو آهي.

آڪ : هڪ جهنگلي ٻوٽو، جنهن جي ٽاري ڀڃبي ته کير جهڙو پرڪوڙو رس نڪرندو آهي.

آڪبر : (ع) وڏو. ماڻهوءَ جو نالو به آهي. سُر بلاول ۾ 'جهاد اڪبر' يعني 'نفس اماره سان جنگ جوڻ' جي مفهوم ۾ آيو آهي.

آگر : هڪ خوشبوءِ. 'هڪ قسم جو وڻ، جنهن جون ڪاٺيون خوشبوءِ واريون ٿينديون آهن'. (ش).

آڱار : آڱر، ڪوئلا (Charcoal).

آلک : ڳجهو. خدا.

الماس : هيرو، هڪ قيمتي هيرو، جيڪو نهايت چمڪندڙ آهي. (فيروزاللغات).

آن : اناج. (چانور، ڪڻڪ، جوئر، مڪائي وغيره).

آنبور : انبوري. ڪوڪن ۽ ڪلين کي چڪي ڪڍڻ جو هڪ اوزار.

آنگور : هتي معني 'سُور' ۽ 'ڦٽ' وغيره. اصل ميوو آهي.

آنيراء : سورٺ راءِ ڏياچ جي قصي جو هڪ ڪردار آهي. ڊاڪٽر

ڪا بي شي آهي. بيت جي سٽ خاص طور ڏيان ڇڪائي ٿي، 'آڪو ته آڪو، ڪڇو آيم ڪم؛ هن مان اِهو مغالطو پيدا ٿيو آهي ته ڪڇي جي اُبتڙ 'پڪو' ته نه ڇيو ويو آهي؟ حقيقت ۾ گهڙو ڪچو يا پيلو هو.

آڪون: اڪروٽ.

آگڙيا: لوهار، ڪامل مرشد- (ش).

آمـا : (واحد آمو) انب.

آونگ : ٽانڊو ، ديگڙا وغيره.

آهيڙي : شڪاري، صياد. ڪٿي 'ڪاسائي' به.

اِبليس : شيطان.

اِستنبول: اِستانبول يا اِستنبول، ترڪيءَ جو مشهور شهر، جنهن جو پراڻو نالو قسطنطنيه آهي.

آڏوهي : (يا اِڏوهي) ڪاٺ وغيره کي ڪائيندڙ جيت.

## ب

بخمل : آڇي ڪپڙي جو هڪ قسم.

بداماڻي: ذات آهي. پنرو بداماڻي (ق)

بَدُو : بدوي، خانہ بدوش، جهنگ جا (اعرابي) وگند فقير کي بدو يعني خراب ۽ گدلو وغيره چيو ويو آهي.

بَصر : بصر، پياز (Onion).

بَرفت : لس بيلي، ڪراچي ضلعي ۽ بلوچستان طرف جي هڪ ذات آهي.

بَروو : 'بروو' هندوستاني راڳ مالها ۾ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي. بـروي سان هڪ داستان به منسوب آهي ؛ جنهن موجب بروو نالي شخص قلات جو رهاڪو هو ۽ آن جو دهليءَ ۾ هڪ شهزاديءَ سان عشق ٿي ويو. (تفصيل ڏسو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ [پهو ڇاپو] از: عبدالجبار جوڻيجو).

بَرهمڻ : هندن جي هڪ اُتم ذات. رسالي ۾ اڪثر هندن تي سسئيءَ لاءِ آيو آهي، ڇو جو هـوءَ اصل برهمڻ جي ڌيءَ هئي.

بِروهي : سنڌ ۽ بلوچستان جي هڪ ذات آهي.

بيرقون : جهنڊيون، بانڌڻيون .

بيڪانير : هندوستان جو هڪ مشهور شهر آهي.

## ٽ

ٽَڪُ : سٽ ڪتڻ جي چرخي ۾ لوهه جو هڪ ٽڪر جنهن تي ڌاڳو ويڙهيو آهي.

ٽُوهه : هي مشهور ڦَل، گدري جي نموني هئڊي رنگ تي، واريءَ جي پيدائش آهي. ڏسڻ ۾ گهڻو ئي سهڻو ٿيندو آهي، مگر ذائقي ۾ جهڙو زهر. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ڏسڻ ۾ ٽوهه' (گَدَر). دوائن ۾ ڪم اچي ٿو.

## ٺ

ٺاٺارو : ٺامي، جست وغيره جا ٺانءُ ٺاهيندڙ ڪاريگر.

## پ

پَبُ : جبل جو نالو آهي، جيڪو شاه بلاول جي درگاه جي ويجهو آهي. هن ئي جبل جي اندر هڪ وڏو صفو (هال) آهي، جنهن کي لاهوت سڏجي ٿو' (پَ).

پتنگ : ننڍڙو جيت جيڪو باهه يا ڪنهن ٻه ٻتيءَ جي روشنيءَ تي ايندو آهي، 'پتنگ' لفظ خاص طور شاعريءَ ۾ ڪم ايندو آهي.

پَٽُ : ريشم (Silk).

پَٽُ : ڪشتو، ڪشڪول، جمني. خاص طور خيرات وٺندڙ کڻندا آهن.

پَٽُ چِير : پٽ يا ريشم جو ڪپڙو.

پَٽڻ : جهوناڳڙهه طرف هڪ شهر جو نالو.

پَٽولا : ريشمي ڪپڙا.

پٽيهل : درياءَ جو نالو، بدين ضلعي ۾ پراڻ درياءَ جي هڪ حصي جو نالو آهي. هاڻي موجود ڪونهي.

پٽڏام : پٽ شاه جي ويجهو هڪ هنڌ جو نالو آهي.

پُرتِ : ڏوٻي (مونث: پرڏياڻي).

پڳهه : ٻيڙيءَ جي لنگر سان ٻڌڻ جون نوڙيون. 'پڳهه هڻڻ' معني لنگر انداز ٿيڻ.

ساوڻ جهنگلن ۾ پاڻيءَ جي ڪنارن سان رهندو آهي ۽ فارسيءَ ۾ آن کي سرخاب سڏيندا آهن.' (و)

چِڪي : ڍنڍ جو نالو آهي.

چِوهڙا : (واحد . چهڙو) آڇوت، ڀنگي.

چوتاڻي : 'رونجهن مان سڀڙ چوتاڻي ٻيلي جو حاڪم ٿيو. چام سيڙ جي پي جو نالو چام چوتا هو' (بلوچ).

چؤسال : چئن سالن جي عمر وارو (آ ٺ)-(و)

## ڇ

ڇِتر : پراڻو جهاز (ش) ڇيتيون يعني پرزا ٿيل جهاز (گ).

## ح

حَسن : حضرت اِمام حسن بن حضرت علي ڪرم الله وجهه.

حضرت ميران: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني پيران پير دستگير (١٠٧٨-١١٦٦ع). سندن روضو مبارڪ بغداد (عراق) ۾ آهي.

حَب : نديءَ جو نالو آهي، 'هيءَ ندي ڪراچيءَ کان ستڪوه پري آهي. اِها ندي پب جبل جي ٻنهه اُتر واري قطار وٽان بلوچستان جي حد مان هلي، ٻه سؤ چاليهن ميلن جو پٽ پسائيندي ڪراچيءَ پريان ڪيپ مانز وٽ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي' (پ).

حاتم : عرب جي طائي يا طي قبيلي جو مشهور سخي، جيڪو ڇهين صدي عيسويءَ ۾ ٿي گذريو آهي.

حُسين : حضرت امام حسين بن حضرت علي ڪرم الله وجهه. امام حسين عليه السلام ڪربلا ۾ ڏهين محرم ٦١هه بمطابق ٦٨٠ع ۾ شهيد ٿيو.

حُسيني : هندوستاني راڳ موجب صبح جي راڳڻي آهي. سلطان حسين شرقي واليءَ جونپور ايجاد ڪئي.

حُر : حُر پهرياڻين يزيد جي لشڪر ۾ هو ۽ پوءِ امام حسين سان اچي شامل ٿيو.

حُورون : (واحد. حورُ) بهشتي مخلوق.

حيدر : حضرت علي ڪرم الله وجهه جو لقب آهي.

## خ

خَچر : گڏهه ۽ گهوڙي سان مشابهت رکندڙ بار برداري ۽ سواريءَ جو جانور، Zebra.

خليل : (ع) دوست. حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب آهي.

خالق : (ع) پيدا ڪندڙ، خلقيندڙ، خدا.

خان بلوچ : پنهونءَ ڏي اشارو آهي.

## د

دَلق : چوغو، گودڙي.

دَرندا : (واحد . درندو) خوفناڪ جانور.

دَڪن : حيدرآباد دڪن (پارت). پارت ۾ ڏکڻ ۾ هجڻ ڪري دڪن نالو اٿس.

دَنبورو : طنبورو (ساز).

دَنگي : ٻيڙي.

داسڙو : سومرن جي ذات جي هڪ اوڙڪ يا نک آهي. چنيسر هن ذات سان تعلق رکندو هو. بدين ضلعي ۾ لنواري شريف ويجهو ۽ سنڌ ۾ ڪن ٻين هنڌن تي داسڙن جا ڳوٺ سڃهن ٿا.

دائودي : حضرت دائود عليه السلام ڏي اشارو آهي، دائودي گل به آهي.

دلي : هندوستان جي گاديءَ وارو شهر دهلي.

دوارڪا : هندن جو تيرٿ ۽ هڪ شهر آهي . ’شاه صاحب هنگلاج کان پوءِ دوارڪا ويو هو.‘ (پ)

دولت : ٻانهيءَ جو خيالي نالو آهي.

دوڪ : (يا دوڪ) ٻن ڏندن وارو (اٺ)-(و)

## ڌ

ڌُلڌل : حضرت امام حسين جي گهوڙي جو نالو آهي .

ڌَڄ : (سن. ڌَوَجَ) جهنڊي، ٻانڌڻي، ٻيرق-(گ).

ڌاڻيون : چانور .

ڌوٻي : ڪپڙن ڌوئڻ وارو. رسالي ۾ اشارو محمد ڌوٻيءَ ڏي آهي، جنهن سسئيءَ کي درياءَ مان ڪڍيو ۽ پالي وڏو ڪيو .

## ڏ

ڏَنُيري : (مذڪر. ڏنيرو) مڇيءَ جو قسم آهي.

ڏَم : سهڻيءَ جي مڙس جو نالو آهي.

سون : سون، Gold .
سونُ سَرِيَ : سونن مٽين واري مالها .
سوڙيرو : سُرمو، 'سوئيريانئي' يعني سوئيري ڪان ۾ .

## ش

شَبان : ڌراڙ، ڌنار، مال چاريندڙ .
شتر : (ف) آٺ .
شجر : (ع) وڻ .
شَفِيع : (ع) شفاعت ڪندڙ، ڇوٽڪارو ڏياريندڙ، اشارو نبي ڪريم صلعم جن ڏي آهي.
شهباز : وڏو باز، پکي، عقاب.
شهزادا : (واحد ، شهزادو ) هتي اشارو حضرت امام حسين رضہ ۽ ٻين امامن ڏي آهي.

## ص

صراف : سونارو، Goldsmith.
صابڻ : ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ، Soap.

## ط

طَهُورا : پاڪ شراب، شراباً طهورا .
طُور سينا : جبل جو نالو ، حضرت موسيٰ سان نسبت اٿس ، جتي الله تعاليٰ جو جلوو پسڻ لاءِ حضرت موسيٰ ويو.
طُيور : (واحد، طير) پکي .

## ع

عبد : (ع) ٻانهو .
عبداللطيف : شاه صاحب جو نالو آهي. ڪن بيتن ۾ پنهنجو نالو 'لطيف' ۽ ڪن ۾ 'سيد' آندو اٿس. شاه صاحب ١٦٨٩ع ۾ ڄائو ۽ ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين.
عَبِير : هڪڙو عمدي قسم جو ڪپڙو، جو عبيري رنگ جو ٿيندو آهي. (ق)
عزازيل : فرشتن مان هڪڙو فرشتو، جنهن حضرت آدم کي سجدو نہ ڪرڻ سبب ٽڙجي ويو.
عطار : لفظي معنيٰ عطر وارو. فريدالدين عطار فارسيءَ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي.

هوت : پنهون.
هوتاڻي : اي هوت. لفظ هوت مان نڪتل آهي. جنهن آريءَ مان آرياڻي.
هوڙاڪ : (سن. هوڊڪ) پيڙي. ڪن جاڻن هوڙاڪ بدران ڪوراڪ پڙهڻي ڏسي آهي. آن جي معنيٰ تڙ جي ٿيندي.

## ي

يَزِيد : يزيد بن معاويه، جنهن جي حضرت امام حسين بيعت نہ ڪئي ۽ ڪربلا جي ميدان ۾ يزيدي لشڪر سان معرڪو ڪيائين.
ياقوت : قيمتي پٿر.

— o —

## ترجمہ

بیکس کوں بیدل مجاز کنوں پیچي،
اھائي تلقین کیتي۔

---

میڈا مرشد کامل ھے،
اوھندا نان مظھرچ بیدل ھے۔

---

توڑ کنوں ٹي بیکس کون،
بیدل اِھا ھدایت کیتي ھے۔

---

بیدل پیر اساڈا، اسان بیدل دي ھٹون بردي۔

(اصل)

## ترجمہ

بیدل مٹین تیڈے در تے مگنا فقیر ھان،
میکون عشق دي امانت عطا کر۔

شاعر تہ اپٹي شاعريچ اندر دے آدمي اوتیندے ھن پر بیکس دي بات ئي نرالي اے۔ بیکس تہ ڈک منگ پیا گھندا ھے۔ ھک ھند تہ اِئین پیا فرمائیندا تہ:

ماھي مینون بخش ڈکاندا ڈاج۔

بیکس سائین دي کلام چ درد دي شدت آئین حسن دي حقیقت نمایان ھے۔ اے درد کون کتھے بہ لکائیندا نظر نھین آندا، پر ھتون درد دیان داھان وڈے واکے کریندا پیا ڈکیندائے۔ بیکس دا لفظ سوران دي سامان نال پریل پیا ڈیکوچ آندا ھے اھو سور کتون لگس اونھن لاء ھک سندي شعرچ فرمئیندا پیاھے:

## ترجمہ

سنیاسیان چون سور بیکس کون حاصل ھویا فراق دا،
خوني خماریل نیٹان دا ذکر کریندے آکھدا پیا ھے:-

### ترجمہ

قاتل نیݨ خمار تکیندے ھن،
ویکھ نال کئي عاشق کھندے ھن۔

بیکس کن رسݨ پرچݨ دیان ڳالھیان کرݨ دا ہ ھک اپݨا انداز ھے۔ آکدا پیا ھے:

### ترجمہ

میڈي رازان دا چاٹݨ والا اوین نہ رس،
آ تہ آپت چ نھراء کرون۔

اپݨے محبوب دے در تݨے لیلئیندے آکیا ھس تہ:-

### ترجمہ

کڈھن راضي تیسي راݨا،
کڈھن واپس آ میلسي راݨا،
کاک کومائیچ ڳئي ویلا ڈرکیا،
سیج تي ڳئي سب آبادي،
بیکس تیڈي در تي کیا ھي،
ولي تیڈے در تݨے قربان ٹیندے ھن۔

اونھہ آب کنون چڳي طرح سجاتا ھے، درد دے سلسلے کون سجاݨندے آکیا ھس:

### ترجمہ

روھڑي وچ آپ پڈرا ڈیا،
آپ کون سڈایس بیدل،
حسن دي بازار کر حاصل،
ھݨ بیکس سڈیندا ھین۔

موضوع دے لحاظ کنون توڑے فني نقطے نظر کنون، بیکس دے شاعري چ سندي توڑي سرائکي شاعري دے سب قبول کتل اصول موجود ھن، تجربے دے لحاظ کنون بہ اونھدي ننڈڑي عمرچ آکیل شعر پختے آئین اوچے معیار دے ھن۔ سرائکي شاعري چ بہ بیکس کن بلند خیالي آئین قادرالکلامي پڈري ھے۔

(٤)

هیر کنون تدبیر کِئي ، جڈان رانجهن پاتي جهاتي ،
بره کاسائي اندر وڑهیا ، لا کهاڑي کاتي ،
بیکس بیوس کیا کري، جو کائي چڈیندا چاتي۔

(٥)

نیڻان ناز دي فوجان چڑهندے مول نہ کریندے ٹالا ،
قسم تعالی۔
ویکھ سبڑے یار سجن دے ، بره مریندے ، پیالا،
قسم تعالی۔
عشاقان حق حاصل کیتا، ملین دا منهن کالا،
قسم تعالی۔
بیکس کنهن دا کم نہ ہوے ، بیپرواهیون سے شالا،
قسم تعالی۔

(٦)

واه ڈٹڑے خوش ساه تیوے ، بهہ بهہ کریندے بولڑیان ،
مین گهولڑیان۔
درد دا دریان دل میرے وچ ، چوهون کریندے چولڑیان۔
مین گهوتڑیان،
بیکس من ماندا نہ کرین ، جو صاحب کرسي، سولڑیان ،
مین گهولڑیان۔

(٧)

پار دریاهان رانجهن سائین ، ونجهلي یار وچیندا،
مسکینان دے دل قساکر ، پچھے آپ پچیندا،
بیکس بیپروا هان دے اگون، زار و زار روئیندا۔

(٨)

دل سجڻان دے سخت گهٹیري، کنون پتر کالے،
لکیا انگ الستي والا ، هرکو بیٺا پالے،
وس کهیندا کوئي نہ چلیندا، کون لکے نون ٹالے،
شیخ صنعان جیسے سالک نون ، بره کتي بیحالے،
بیکس ویچارا کیا کرے، جو عشق گهٹے گهر گالے۔

ناز دا نـاوڪ مرينديي بيگناه بيچاره نـون.
حال مسڪينان دا ويکو، گهر لتيا ويچار دا.
اي سجن لا غرض، ميرا عرض سڻ يڪبار تون،
حال بيڪس دا تماشا، عاشق مـار جيار دا.

## مددي ڪتاب


۰۱ اسلم رسولپوري: ”بيدل سنڌي“ بزم ثقافت ملتان، ۱۹۷۸ع.

۰۲ بدوي؛ لطف الله: ”تذڪره لطفي“ (جلد ۳) آر. ايچ . برادرس حيدرآباد، ۵۲–۱۹۵۳ع.

۰۳ موسوي، عبدالحسين شاه: ”ديوان بيدل“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ۱۹۵۴ع.

۰۴ ” ” ديوان بيڪس“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۶۵ع.

۰۵ هرجاڻي، گدومل ”ديوان بيدل و بيڪس“ شواجي پرنٽنگ پريس بمبئي، ۱۹۶۰غ.

۰۶ ” ” ”ديوان بيڪس“، صوفي ساهت منڊل بمبئي، ۱۹۶۰ع.


— O —

## شاهه جي ڪلام ۾ طالب ۽ مطلوب

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ طالب ۽ مطلوب جي هڪ ٻئي ڏانهن طلب جدا جدا نمونن ۾ ڏيکاري ويئي آهي. ڪٿي عورت طالب آهي ته ڪٿي مرد طالب آهي، ڪٿي مرد عورت کي ڳولي هٿ ڪري، ڪٿي عورت مرد کي ڳولي هٿ ڪري. اهڙي طرح شاهه جي ڪردارن ۾ ڪٿي عورت طالبو آهي ڪٿي مرد طالبو آهي. انهن جا مثال هي آهن ته، عمر مارئي ۾ مارئي پنهنجي مطلوب کي هٿ ڪرڻ لاءِ جدوجهد نٿي ڪري، نه مارئي جو مڱيندو پنهنجي طالب جي ڪا خطا محسوس ڪري ٿو پر، هن کي پنهنجي طالب جي ماڳ موٽي اچڻ لاءِ ڳڻتي ضرور ٿي ٿئي ٿي ۽ هن کي پنهنجي طالب جي ڪردار تي يقين آهي. هن ۾ نڪي طالب مطلوب کي ڳولي لڌو آهي ۽ نه مطلوب طالب وٽ هلي آيو آهي پر انهن جو تعلق ازلي آهي ۽ تعلق روحن جي پيدا ٿيڻ وقت ٿيو هو جنهن بابت شاهه چوي ٿو:-

نڪا ڪُنْ فَيَڪُونْ هئي، نڪو لڳَ لَحمُ،
ٻِيو هو نه ٻُتَ ۾، اڃا ڪِيَن آدَمُ،
مون توهين سين سَڱُ، آها ساڃاهِ سُپرين!

(سرمارئي داستان پهريون، بيت ٦)

انهي تعلق کي قائم رکندي انهي واعدي جي پورائي لاءِ هن عمر (نفس) جي ڪابه لالچ قبول نه ڪئي، ۽ پنهنجي واعدي تي قائم رهي ۽ آخر ۾ ڪامياب ٿي ۽ پنهنجي مطلوب سان اچي ملي پر تڏهن به کيس پنهنجي پاڪائي جو ثبوت ڏيڻو پيو. هن ۾ طالب ڪان ڪابه خطا نٿي ٿئي ۽ طالب جهڙو پاڪ اچي ٿو اهڙوئي پاڪ واپس ٿئي ٿو.

سسئي پنهون ۾ طالب ۽ مطلوب جي ملاقات ٿئي ٿي ۽ واعدو ٿئي ٿو. هن ۾ طالب مطلوب جي سڪ ۾ نٿو اچي پر اتفاقي ملاقات ٿئي ٿي ۽ مطلوب وٽ سونهن، عطر، عنبير، ڪٿور ۽ ٻيون خوشبو واريون شيون ڏسي سندس انهي خوبصورتي تي طلب وڌي ٿي، طالب ۽ مطلوب ۾ محبت پيدا ٿئي ٿي ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجو ڪن ٿا. پر پوءِ طالب ڪان

پر نوري ۽ چام تماچي جي وچ ۾ طالب ۽ مطلوب جي ڪيفيت جدا گانا آهي. هتي طالب مرد آهي ۽ آخر تائين مطلوب عورت آهي. هتي طالب بدلجي به نٿي چو ته هتي عورت کان خطا نه ٿي آهي. ٻين سرن ۾ عورت کان ڪنهن نه ڪنهن قسم جي خطا ٿئي ٿي ۽ اها خطا ڪڏهن ڄاڻي ٻجهي ڪري ٿي ڪڏهن اڻڄاڻائي ۾ ۽ بيسمجهي ۾ غلطي ڪري ٿي ۽ پوراڻي ڪري پلجي وڃي ٿي ۽ ڪيس انهي غلطي جي سزا ملي ٿي ، ۽ هو طالب جي ريجهائڻ پرچائڻ ۽ خطا جي معافي لاءِ ايسين تائين جدوجهد ڪندي رهي ٿي جيسين فنايت حاصل نٿي ڪري ، پر سر ڪاموڏ ۾ بلڪل الٽي طلب آهي چام تماچي نوري کي سچي نور هئڻ ڪري ڪيس پٽ راڻي ڪري سندس نياز نوڙت ڪري ڪيس نوازيو ۽ هميش مٿس اکن چڪن رهيو ۽ نوري کان پوري زندگي ڪا خطا نه ٿي، نوري ابتدا به سونهن آهي آخر به سونهن آهي.

اهڙي طرح شاه لطيف جي ڪلام ۾ ٻنهي طرفن جي طلب جو ذڪر ڪيل آهي. پهريائين اها طلب جيڪا سالڪ کي پنهنجي محبوب لاءِ ٿئي ٿي جنهن ۾ دنيوي تڪليفون ۽ مصيبتون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون، ڏک ۽ ڏولاٿا سر تي ڪٽڻا پون ٿا ۽ محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ پاڻ کي فنايت جي منزل تي آڻڻو پوي ٿو. ٻي محبوب جي طلب سالڪ جي لاءِ هوندي آهي. اهڙي طرح ٻنهي قسمن جي سڪ ۽ طلب ۽ محبت جو ذڪر شاه جي ڪلام ۾ ملي ٿو جنهن جا مثال پهرئين ڏئي چڪا آهيون، جيئن شاه چوي ٿو ته:-

اندر جنين اُڃ، پاڻي آڇيو ان کي،

(سر سسئي)

---

پڇن جي مهار کي، پڇي سي مهار،

(سر سهڻي)

---

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تهجي،

(سر ڪلياڻ)

ٿورن لفظن ۾ انهين چئجي ته نه رڳو انسان طالبو حق (الله) جو آهي پر حق (الله) به انسان جو طالبو آهي. جيئن چوڻي آهي ته گهر

# جديد ڊراما

ڊراما به ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي ڪيترن ئي طريقن مان هڪ آهي. هن ۾ ڪهاڻي بيان ڪرڻ جو طريقو ناول کان ٻئي نموني جو آهي ڇو جو هن ۾ ناول جيان ڪهاڻي سڌي سنئين انداز ۾ بيان ڪونه ڪئي ويندي آهي، بلڪ ان کي عوام جي آڏو اسٽيج تي اداڪارن وسيلي پيش ڪيو ويندو آهي، درحقيقت هڪ لکيل ڊراما ايستائين ڊرامو نٿو ٿي سگهي جيستائين ان کي اسٽيج تي پيش نه ڪيو وڃي يا موجوده دور ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان پيش نه ڪيو وڃي. يعني ته جيستائين ليکڪ، پروڊيوسر، اداڪار ۽ عوام هڪ هنڌ نه اچي مڙن — ڊرامي جو حقيقي مقصد ان کي پيش ڪرڻ آهي نه ڪه ان کي پڙهڻ — ناول نگار جي برعڪس، ڊراما جي ليکڪ کي پنهنجن اداڪارن تي ڀاڙڻو پوي ٿو ۽ اداڪارن کي وري مئنيجر (پروڊيوسر) جي پاليسين، ٿيٽر جي وسائل ۽ عوام جي پسند جو خيال رکڻو پوي ٿو.

هڪ ڊراما نگارجو خاص مقصد ڏسندڙن (ٻڌندڙن) کي خوش ڪرڻ آهي ۽ ڏسندڙ وري ڊرامو پنهنجي تجسس جي جذبي کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڏسندا آهن. هنن کي هڪ سهڻي ڪهاڻي ڏسڻ جي توقع هوندي آهي. هو ڪردارن طرفان ٿيندڙ دلچسپ واقعا ڏسڻ چاهيندا آهن. صرف ابسن يا جارج برناڊ شا يا سنڌيءَ ۾ محمد اسماعيل عرساڻي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي، جهڙا چند ڊراما نگار ٿي گذريا آهن، جن ڊرامي کي سڌاري جو ذريعو سمجهيو آهي، ليڪن هو به پنهنجن ڊرامن ۾ ڪردارن ۽ واقعات کي اهڙو ته دلچسپ ۽ وڻندڙ ڪري پيش ڪن ٿا، جو عام ڏسندڙ به هنن کي پسند ڪري سگهي ٿو. هڪ سنجيده ڊراما نگار جي اها ڪوشش هوندي آهي ته هو زندگي جي حقائق کي ايمانداريءَ سان، وڻندڙ ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري. ان طرح سان هو زندگي جي اهڙن واقعن کي چونڊيندو آهي جيڪي تمام اهم ۽ اثرائتا هجن ۽ اهي اهڙي نموني پيش ڪندو آهي جو ڏسندڙ ۾ به اهڙائي جذبا اڀاري سگهي جهڙا هن خود محسوس ڪيا آهن.

ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار اڪيلائيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ لکندا آهن، جڏهن ته ڊراما نويس ماڻهن جي ميڙ لاءِ لکندو آهي. هڪ ناول نگار پنهنجي لکڻين ۾ بيشڪ خاص نظريي جو پنهنجي خاص طريقي سان اظهار ڪري ته به ڪيس اها پرواهه ڪانه هوندي ته ڪي ماڻهو ان جي خلاف به ٿي سگهن ٿا ۽ ڪيس ناپسند به ڪري سگهن ٿا. ليڪن هڪ ڊراما نويس مختلف ماڻهن جي پسند ناپسند جو خيال نه رکندو ته پوءِ سندس پيش ٿيندڙ ڊرامي ڪي ڏسڻ وارو به ڪو ڪونه هوندو. هو ڏسندڙن جي پسند جي خيال کان لاپرواهه ٿي نٿو سگهي. نه ئي پنهنجو پاڻ کي چاڙهو، عالم ۽ ذهين ثابت ڪرڻ لاءِ عام ڏسندڙ جي پسند ۽ ٽيسٽ کان اوچي شئي پيش ڪرڻ جي همت ئي ڪري سگهي ٿو.

وڪٽر هيوگو جو چوڻ آهي ته ڏسندڙ ٽن قسمن جا ٿيندا آهن، پهريان اهي عام ماڻهو جيڪي ائڪشن ڏسڻ چاهيندا آهن ۽ ٻيون عورتون جيڪي جذبات نگاريءَ جون شوقين ٿينديون آهن ۽ ٽيان پڙهيل لکيل ماڻهو جيڪي ڪردار نگاريءَ ۾ دلچسپي وٺندا آهن. ٻين لفظن ۾ ڊراما جا ڏسندڙ عام طرح ائڪشن ۽ جذبات نگاريءَ ۾ دلچسپي ڏيکاريندا آهن ۽ صرف ڪردار نگاري جا شوقين ٿيندا آهن.

هڪ ڊراما نگار کي هر قسم جي ڏسندڙن جو خيال رکڻو پوندو آهي. هن کي خبر هوندي آهي ته هڪ تماشبين پنهنجي هيرو کي طاقتور شريف ۽ غريبن جو همدرد ڏسڻ چاهي ٿو. هن کي هيرو جي فتح سان دلچسپي آهي. هو ابسن ۽ برنارڊ شا جي ذو معنيٰ جملن ۽ ذهين قسم جي ڪردارن ۾ ڪا دلچسپي نه ٿو رکي، انهي ڪري ئي ڊراما اهڙا ڪردار ڪامياب ٿيندا آهن جيڪي سوچ کان وڌيڪ جذبات کان ڪم وٺندا آهن.

عظيم ڊرامن جو مرڪزي خيال تمام سادو سودو هوندو آهي ۽ گهڻو ڪري پراڻو به هوندو آهي. تماشبين پراڻين ڪهاڻين کي وري وري مختلف انداز ۾ پيش ٿيندو ڏسڻ چاهيندا آهن. هو پراڻن چرچن تي کلندا آهن ۽ ساڳين ڏاڍ جي نظارن تي وري وري پيا روئيندا آهن.

هڪ واقعو اهڙو ياد اٿم جيڪو بيان ڪرڻ مناسب ٿيندو ته ١٩٦٤ع ۾ هڪ دوست لنڊن مان ٿي آيو ۽ ٻڌايئين ته اي.ايم فارسٽر جو ناول 'آءِ پئسيج ٽو انڊيا' ڊرامائي صورت ۾ براڊوي ۾ ڏيکاريو پيو وڃي، هن ٻڌايو ته اهو ڊراموگذريل چئن سالن کان هلي پيو پر رش

ڏاڍي اٿس ۽ ڪيترا ڪراڙا انگريز ۽ ڪراڙيون انگريزياڻيون روزانه ساڳيو ڊرامو ڏسڻ ٿا اچن ۽ ڊرامي جي مک ڪردار ڊاڪٽر عزيز سان ٿيندڙ ناانصافي ڏسي اوڇنگارون ڏيئي روئن ٿا.

تماشبين جي مزاج جو خيال رکندي ڊراما نگار کي هميشه انسان جي بنيادي دلچسپي وارن جذبن جي اپٽار ڪرڻي پوندي آهي، جهڙوڪ پيار نفرت، لالچ، همدردي، ڏک ۽ ڏپ وغيره. اهڙا موضوع چونڊيندو آهي جن سان ڪنهن هڪ فرد يا ڪلاس جي نه بلڪ سموري انسان ذات جي دلچسپي هوندي آهي. جيڪڏهن ڊراما نويس اهڙي خيال کي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته پوءِ هو ناول نگار کان به وڌيڪ ڪامياب ٿي سگهي ٿو. هن جي مزاحيه سٽ ڏسندڙ کي کلائي کيرو ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته ڪيئن مزاحيه ناول نگارن جون ڪاوشون وڏي مشڪل سان ڪنهن کي مرڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنديون آهن. مرزا قليچ بيگ جي ”انڪواري آفيسر“ يا محمد عثمان ڏيپلائي جي ”ڊڪار“ جوئي مثال ڪٽي وٺو. پڙهڻ ۾ اهي ڊراما ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن کي کلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيا هجن ليڪن ”انڪواري آفيسر“ جڏهن اسٽيج تي پيش ٿيو ته سڄو هال کلن جي ڪوڪرن ۾ ٻڏي ٿي ويو.

تماشبين مختلف قسمن جا ٿيندا آهن جنهن ڪري هنن جو ڪهاڻي جي مختلف موڙن ڏانهن رد عمل به مختلف ٿي ٿيندو آهي. ڪي ڏسندڙ غم وارن نظارن ۾ ئي دلچسپي سان ڏسندا آهن ته ڪي وري کل خوشي جا ڪوڏيا هوندا آهن. ڪي بهادري وارن قصن جا ڪوڏيا هوندا آهن ته ڪي وري پيار محبت جي قصن سان دلچسپي رکندا آهن. انهن سڀني کي هڪ ئي وقت ۾ خوش رکڻ جو ڏکيو ڪم ڊراما نگار ئي پورو ڪري سگهي ٿو. سو به ان پابندي سان ته هن کي ڪهاڻي ٻن يا ٽن ڪلاڪن جي اندر ئي پوري ڪرڻي آهي ته جيئن اها اسٽيج تي پيش ڪري سگهجي. جڏهن ته هڪ ناول نگار تي اهڙي ڪا به پابندي ڪانهي. ٻيو ته هن کي پنهنجي ذات کي ڊراما کان الڳ رکڻو آهي. هن کي جيڪي ڪجهه چوڻو آهي اهو ڪردارن کان گفتگو يا عمل وسيلي چوائيندو ۽ ڪرائيندو آهي، جڏهن ته ناول نگار بيانيه انداز ۾ ڪهاڻي ۽ موقع محل بابت سمجهائيندو آهي.

ڊراما نگار جو تيز مشاهدو ۽ انساني نفسيات متعلق ڄاڻ ٿي هن جي فن جي پيشڪش ۾ مددگار ۽ معاون ٿيندا آهن. خاص ڪري به عنصر موضوع جي چونڊ ۽ واقعات جي تاڃي پيٽي آڏڻ ۾ ڏاڍي مدد ڪندا آهن. هو مشاهدي جي زور تي اهڙن موضوعن کي چونڊي ٿو جيڪي نه رڳو عام پسند جا آهن بلڪ گهڻن جي پسند جا آهن ۽ اهڙن موضوعن کي ڇڏي ٿو ڏئي جن کي پيش نه ڪرڻ ئي بهتر آهي. هن سان مسئلو اهو آهي ته جيڪڏهن سندس پيش ڪيل موضوع ڏسندڙن ۾ پسند نه پيو ته ٿيئٽر جون ڪرسيون ۽ اسٽيج به سلامت نه رهندا يا ڏسندڙ بيزار ٿي هليا ويندا. ٻئي طرف جيڪڏهن ڪو ناول يا مختصر ڪهاڻي سماج جي ڪنهن طبقي يا سوچ رکندڙن کي پسند ناهي ته پيو وري ان کي پسند ڪري خريد به ڪري وٺندو. اتي ڪا اهڙي مشترڪ سوچ يا گڏجاڻي نه ٿي ٿئي بلڪ لکڻين کي انفرادي سطح تي پسند يا ناپسند ڪيو وڃي ٿو.

ڊراما ڏسندڙ يا ٻڌندڙ پنهنجو پاڻ کي سورمي جي روپ ۾ ڏسڻ لڳندا آهن ۽ هن سان ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافي يا هن جي انصاف پروري، بهادري ۽ شرافت سان پنهنجي جذبن کي پيٽڻ لڳندا آهن. بديءَ وارا ڪردار وري هنن جي اندر ۾ بديءَ لاءِ لعنت، ڦٽڪار ۽ نفرت وارا احساس پيدا ڪندا آهن.

هو ڊرامي ۾ پيش ايندڙ هر واقعي ۽ ڪشمڪش ۾ خود به پاڳي ۽ پائيوار ٿي ويندا آهن. تنهنڪري هو اهڙن ئي موضوعن مان مطمئن ٿيندا آهن جن جو يا ته هو شڪار رهيا هجن يا اهي سندن علم ۾ هجن. زمينداري ظلم (خانچند درياڻي) ۽ انڪواري آفيسر (محمد عثمان ڏيپلائي) اهڙائي ڊراما هئا جيڪي اٽڪل اڌ صدي اڳ لکيا ويا ۽ اسٽيج تي پيش ٿيا، پسند ٿيا ۽ ١٩٨٠ع ۾ به اسٽيج تي پيش ٿيا ۽ اوتروئي پسند پيا. سبب؟ انهن جا موضوع لافاني هئا. انهن جو واسطو سڌو سنئون سنڌ جي رسم و رواج، انساني نفسيات ۽ مروج سرڪاري قانون ۽ طريقن سان هو. انهن ۾ انساني جبلتن سان واسطو رکندڙ حقيقتن کي پيش ڪيو ويو. ۽ تنهنڪري انهن کي ڏسندڙن جي دلچسپيءَ جو تسلسل به قائم رهيو.

سنڌي ڊرامن جا موضوع گهڻوڪري عام پسند جا ئي رهيا آهن ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ عام رومانوي ۽ تاريخي ڊرامن سان گڏ سماجي ناانصافين، غلط رسم و رواج ۽ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وچ ۾ جهيڙي

جيڪا هڪ ئي ويهڪ ۾ مڪمل ٿي وڃي، حالانڪ ٽي وي ۽ جي سهوليتن کي پيش نظر رکندي سيريز ۽ سيريل به پيش ٿيندا رهندا آهن جيڪي ستن يا تيرهن يا انهن کان به وڌيڪ قسطن ۾ پيش ڪيا ويندا آهن ۽ ڏسڻ وارا هر هفتي شوق سان اهي ڏسندا آهن. ليڪن اسٽيج تي جيئن ته ڏسندڙن کي هلي وڃي ڊراما ڏسڻا پوندا آهن تنهنڪري اتي سيريل يا سيريز پيش ڪري نه ٿا سگهجن.

جديد ڊراما ۾ ڊائلاگ يا گفتگو بيحد مختصر هوندي آهي، انڪري جو فنڪارن کي اهي ياد ڪرڻا پوندا آهن ۽ هو باقي ڪم آوازن جي لاهه چاڙهه کان (ريڊيو ۾) ۽ ائڪٽنگ ۽ چهري کان (ٽي وي ۾) ڪم وٺندا آهن. پر جيڪڏهن هنن کي ڊگها ڊگها ڊائلاگ ڏنا ويندا ته هو پنهنجو توجه صرف ڊائلاگ ياد رکڻ تي ڏيندا نه ڪه ائڪٽنگ ۽ صداڪاريءَ تي.

”ڊراما“ جي ماضيءَ تي نظر وجهبي ته نظر ايندو ته هر ڊراما جي شروعات ڪشمڪش (Conflict) سان نظر ايندي، ايتري قدر جو ڊراما کي ڪشمڪش جو متبادل لفظ ڪري سمجهيو ويندو هو. شيڪسپيئر جي ڊرامن تي نظر وجهبي ته هن جو هر ڊرامو ڪشمڪش سان شروع ٿيندي نظر ايندو. مئڪبيٿ، هئمليٽ، ڪنگ ليئر، اوٿيلو، جيڪو به ڊرامو پڙهبو ته اُن جي شروعات انهيءَ ڪشمڪش سان ٿيل نظر ايندي. ليڪن هن دور ۾ ڪيترائي ڪامياب ڊراما ريڊيو ۽ ٽي.وي ۽ تي پيش ٿي رهيا آهن جن جي ڪهاڻي ڪشمڪش سان نه پر عام طرح شروع ٿئي ٿي ۽ زندگيءَ جي وڻ واري انداز سان وڌندي نظر ايندي، ۽ ان ۾ ايندڙ لاهه ۽ چاڙهه ان کي پنهنجي منطقي انتها ڏانهن وٺي ويندا نظر ايندا.

سڀ کان وڌيڪ تبديلي الميه، (Tragedy) جي صنف ۾ نظر ايندي جيڪا، بقول ارسطو، ”الميه هڪ وڏي ماڻهوءَ جي ڏک جي ڪهاڻيءَ کي چيو وڃي ٿو جنهن جي پڄاڻي ڏک تي ٿئي ۽ ان مان خوف ۽ رحم جا جذبا پيدا ٿين“.

اي. سي برئڊلي، پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”شيڪسپيئرن ٽرئجڊيءَ“ ۾ به انهيءَ وصف کي ورجايو آهي، انڪري جو خود شيڪسپيئر جون الميه لکئيون به وڏن ماڻهن، نوابن، بادشاهن ۽ سپهه سالارن جي باري ۾ هيون.

ليڪن جديد ڊراما جا الميه ڪردار بلڪل عام، غريب، فٽ پاٿن تي هلندڙ انسان آهن. هنن جا ڏک سک ئي جديد ڊرامن جا موضوع

آهن. هاري، مزدور ڪڙمي ۽ ڪاسبي هن دور جا هيرو آهن. ان ڪري جو هو ئي زندگيءَ جي چرپر کي برقرار رکڻ جا محرڪ آهن— انهيءَ تبديليءَ ڊراما ڏسندڙن، پڙهندڙن ۽ پڙهندڙن ۾ به ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي. هاڻ ماڻهو وڏن ماڻهن جا ڏک ڏسي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪونه ٿا ڊرامي ۾ دلچسپي وٺن، بلڪ هو پنهنجي ئي زندگيءَ جو عڪس ڏسڻ لاءِ ڊرامو پسند ڪن ٿا. ڊراما جي ڪردارن ۾ هو پنهنجو پاڻ کي محسوس ڪن ٿا ۽ انهن کي ڏسي پنهنجي طور طريقن ۾ تبديليون آڻين ٿا. اهوئي اعليٰ مقصد آهي ڪنهن به ادبي لکڻيءَ جو. جيڪڏهن ڪابه ادبي لکڻي اصليت جو عڪس نه آهي ته پوءِ ڪجهه به ناهي.

## مددي ڪتاب


١. ڪاررواں ادب: ڊاڪٽر وحيد قريشي.

٢. ادب اور اس کا تنقيدي مطالعه: ڊاڪٽر سلام سنديلوي.

٣. تاريخ ادب اردو- حصه اول: ڊاڪٽر جميل جالبي.

٤. هڊسن: انٽروڊڪشن ٽو دي هسٽري آف انگلش لٽريچر.

٥. اي.سي برڊلي: شيڪسپيرين ٽريجڊي.

٦. ارسٽاٽل: ڪلاسيڪل لٽرري ڪرٽيسزم.

٧. مالڪم ڪيلسال: ڊراما ائن انٽروڊڪشن.


— O —

# سنڌي اصطلاح، چوڻيون ۽ پهاڪا

هر قوم جي سماجي تاريخ ۾ واقعاتي حقيقتون، سماجي سچايون موجود هونديون آهن. پر حقيقت ۽ سچ سماجي اپياس جي لحاظ کان الڳ شيون آهن. جيئن ته حقيقت جو تعلق واقعي حقيقت سان ۽ سچائيءَ جو تعلق سماج جي اندر موجود سچائيءَ سان هوندو آهي، تنهنڪري سماجي سچائي هر طرح اعتبار جي قابل هوندي آهي.

ڪي واقعاتي حقيقتون ۽ ڪي سچايون جيڪي هر سماج ۾ عملي طور ظاهر ٿينديون رهن ٿيون؛ سي واقعاتي حقيقتن جو هڪ قسم آهن. جيڪي خاص صورتحال ۾ پيدا ٿينديون آهن، ۽ ڪن خاص مقرر ڏينهن جي مقرر عرصي اندر جنم وٺن ٿيون، ۽ اهڙي طرح سماج ۾ رونما ٿينديون رهن ٿيون. انهن مان هر هڪ حقيقت ۽ سچائيءَ جي صورتحال هڪ واقعي جهڙي هوندي آهي. اهڙي حالت ۾ سماج ۾ ٻولي به پاڻ ۾ تبديلي آڻي ٿي ۽ هر صورتحال کي ڪنهن نه ڪنهن نالي ڏيڻ يا وصف ڏيڻ يا بيان ڪرڻ لاءِ نوان لفظ، اصطلاح، محاورا، پهاڪا ۽ چوڻيون موجود ڪري ٿي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته سماجي سچائي ۽ حقيقت نگاري جيڪا حقيقت ۽ سچائيءَ جي روپ ۾ جنم وٺي ٿي، سا سماج جي ٻوليءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح سان تبديلي ۽ واڌارو پيدا ڪري ٿي. جنهن ڪري هر دور ۾ اصطلاح، پهاڪا، محاورا ۽ چوڻيون جيڪي ماحول ۽ حالتن جي اثر ڪري حقيقت ۽ سچ کي پيش ڪن ٿيون، سي حالتن، حقيقتن، سچاين، تهذيبن، تمدنن کي سمائينديون رهن ٿيون.

اگر عام زبان تي غور ڪيو وڃي ته هر لفظ هڪ آوازي اشارو آهي، جو خيالن جي هڪ وڏي مجموعي ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو. لفظن جي ناهڻ جي ضرورت ٿي انهيءَ ڪري پيش آئي جو خيالن جي مجموعي کي ڳالهائڻ ۾ بار بار دهرائڻو پوي ته ڳالهائڻ واري ۽ ٻڌڻ واري جو وقت ضايع نه ٿئي. هڪ شخص جو مقصد ٻيو آسانيءَ سان سمجهي سگهي. ٻولي (لفظن) کان اڳ ماڻهو اشارن سان ڳالهه سمجهائيندا هئا، جنهن ڪري گهڻي تڪليف ٿيندي هئي، اهوئي سبب ٿيو جو لفظن کي ايجاد ڪيو ويو.

علاوه انهيءَ جي لفظ معلومات ۾ به اضافو ڪن ٿا. جنهن قوم جي زبان ۾ لفظ وڌيڪ هوندا ، انهيءَ قوم جو دائرو به نهايت گهڻو وسيع هوندو. جيڪا قوم گهڻي مهذب ۽ ترقي يافته به هوندي، ۽ جنهن قوم جو علم و فن حاصل ڪرڻ زندگيءَ جو اهم مقصد هوندو آهي، اها قوم ٻوليءَ ۾ جديد لفظن ۽ اصطلاحن جو اضافو ڪندي رهندي آهي.

دنيا جي هر هڪ علمي ۽ ترقي يافته زبان ۾ ٻن قسمن جا لفظ ملن ٿا، جيڪي اصطلاح جي نالي سان سڏجن ٿا.

(1) مفرد لفظ يا مفرد اصطلاح.

(2) مرڪب لفظ يا مرڪب اصطلاح.

’اصطلاح‘ اهو لفظن جو ميڙ آهي جنهن کي فاعل ۽ مفعول نه هجي. ’اصطلاح‘ جي لغوي معنيٰ عربيءَ ۾ ’عرف‘ ۽ انگريزيءَ ۾ (Usage, Convention) ۽ سنڌيءَ ۾ ’چالُ‘ آهي.

’اصطلاح‘ جي سمجهاڻي هيءَ آهي ته: ڪنهن خاص لفظ کي اصل معنيٰ کان الڳ ڪري اهل زبان ڪنهن خاص مقصد لاءِ استعمال ڪري، انهيءَ کي ’اصطلاح‘ چئجي ٿو. اڪثر اهڙا لفظ محاوري جي صورت اختيار ڪندا آهن.

’اصطلاح‘، درحقيقت هڪ اشارو آهي. جيڪو خيالن جي مجموعن ڏانهن ذهن کي منتقل ڪري ٿو.

وليم لٽل ۽ ايچ-ڊبليو- فائولر پنهنجي ڪتاب ۾ اصطلاح جي وصف هيئن بيان ڪري ٿو ته:

‘A group of words in a grammatical, pattern taken or learned as a unit.’

يعني ته لفظن جو اهو مجموعو جيڪو ڪنهن خاص نحوي ترڪيب مطابق آندل هجي ۽ جنهن کي ڪو نقرو ڪري ڄاڻجي.

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي مرڪب لفظ آهن، خاص فعل يا مصدر جن جي معنيٰ رواج ۾ ناهي، حالانڪ هر هڪ گڏيل لفظ جي معنيٰ ٻي ٻي آهي، انهن گڏيل لفظن يا فقرن کي ئي سنڌيءَ ۾ ’اصطلاح‘ چون. جن جو ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي. ڪي اهڙا ٿورا لفظ مصدرن جي صورت ۾

منهن ۾ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس.
ايءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٺائن سون تي،

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ فصاحت، بلاغت، فڪر، فهم، شاعرانہ خوبين ۽ خصوصيتن ڪانسواءِ سنڌس بي بها چوڻيون ۽ پهاڪا ملن ٿا، جنهن جي باري ۾ علامہ آءِ-آءِ قاضي لکي ٿو تہ:-

'شاهہ لطيف وٽ مهاڻن، ماڇين، مارين، چرخي ڪتيندڙن ۽ شهزادن سڀني ڪي ساڳي اهميت آهي. هو اهڙي طرح جامع نموني ۾ انهن جي محاوري، اصطلاح، پهاڪي ۽ چوڻيءَ کي استعمال ڪري ٿو جو ائين ڏسڻ لڳي ٿو ڄڻ هو سندن ئي طبقي سان واسطو رکي ٿو.'

شاهہ سائين جي ڪلام مان ڪجهہ چوڻيون ڏجن ٿيون:

عاشق زهر پياڪ، وهہ پسڻو وهسن گهڻو،

هيءُ بيت سُر ڪلياڻ مان آهي، جيڪو سڄوئي چوڻي طور استعمال ٿي سگهي ٿو، نہ فقط ايترو بلڪ اهو موقعي جي مناسبت سان اڄ بہ عالمن، عاقلن، خواهہ سگهڙن ۽ عام ماڻهن طرفان چوڻي طور استعمال ڪيو ويندو آهي.

شاهہ سائين جي ڪلام مان ڪجهہ ٻيون چوڻيون:
عشق نہ آهي راند، جيڪا کيڏڻ ڳيرو.
عقل، مت، شرم، تيئي نينهن نهوڙيا.
ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.
جهڙا اڇن ڏينهڙا، تهڙا ويئي گهار.
جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٽن ويس.
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهہ اوپار.
توجنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي.
سچ جنين جو سير، تير نہ گسي تن جو.
جيڏو تنهنجو نانءُ، پاجهہ بہ اوڏيائي مڱان.
ذات نہ آهي ذات، جو وهي سو لهي.
ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.
سچ بيٺو نچ، ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ.
ملڪ مڙيوئي منصور، ڪهي ڪهندا ڪيترا.
الا، ڏاهي م، ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

’پهاڪا خاص قسم جا اصطلاح هوندا آهن جيڪي منطق ۽ گرامر جي لحاظ کان نہ پر خاص استعمال جي لحاظ کان پاڻ ۾ معنيٰ سمائيندا آهن. جيڪا مجمل هوندي آهي، جنهن جي مقرر هئيت خاص عمل ۽ خصوصيت هجي“.

وري شارٽر آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ پهاڪي جي وصف هئين بيان ڪيل آهي:

’ڪجهہ گڏ ڪيل لفظن جو ميڙ يا جمع ڪيل لفظ جيڪي خاص اظهار لاءِ اتحادي انداز ۾ جملو ٺاهين ۽ جنهن کي زبان جي عملي انداز ۾ ڪا خاصيت موجود هجي، جيڪا هن جي پهرين انداز کان جداگانہ هجي‘.

انهيءَ مان اندازو لڳائجي ٿو تہ پهاڪي جي خاص زبان ۽ خاص معنيٰ هوندي آهي ۽ هن کي هڪ جداگانہ عملي لحاظ کان هئيت هوندي آهي. مثلاً ڪي پهاڪا ٿورن لفظن تي مشتمل هوندا آهن، جيئن تہ،

ٻہ تہ ٻارهن. -- ۽ -- اٽي ۾ لوڻ برابر

۽ ڪي پهاڪا وري گهڻن لفظن تي مشتمل هوندا آهن. جيئن تہ،

رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهہ ٿيا.

پهاڪي جي حيثيت هڪ لوڪ تنقيد جهڙي آهي، پهاڪو سماجي حقيقتن جي بنياد تي آسري ٿو ۽ سماجي ضرورتن کي پورو ڪري ٿو ۽ سماجي عمل ۽ رد عمل جو ترجمان آهي ۽ سماجي سوچ ۽ فڪر کي ظاهر ڪري ٿو، انهيءَ ڪري پهاڪو ٻوليءَ جو اهو نمونو آهي، جيڪو پنهنجي حيثيت ۾ لوڪ آهي ۽ پنهنجي انهيءَ حيثيت ۾ هرڪو پهاڪو پنهنجي سماج جي عڪاسي ڪري ٿو.

ڪينٿ برڪ لکي ٿو تہ،

’هر پهاڪو هڪڙي پاليسي جهڙو آهي جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن واقعاتي حقيقت کي هلائڻ لاءِ ڪم اچي ٿو، هر واقعاتي حقيقت کي منهن ڏيڻ لاءِ ماڻهو سماج ۾ وسيلا ۽ پاليسيون ڪم آڻين ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ پاليسيءَ جي لفظ جي جاءِ تي وڏ ۾ وڏ رغبت يا لاڙي جو لفظ ڪم آڻي ٿو‘.

انهيءَ مان اهو اندازو لڳائجي ٿو تہ واقعاتي حقيقتون ٻہ تحريڪن جهڙيون آهن ۽ انهن جي طاقت ٻہ فوجي حملي جي طاقت جهڙي آهي. اهي واقعاتي حقيقتون قومن جون تقديرون ڦيرائي ٿيون سگهن. ان ڪري انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ اهڙي پاليسي جي ضرورت پوي ٿي، جهڙي جنگي

بک لچڻ وڃائي، ڏمر عقل وڃائي.
اندو هاٿي لشڪر جو زيان.
ٺلهو چٽو، وچي گهٽو.
گهٽين زالين گهر نه هلي، گهٽين هارين هر نه هلي.
زال چٽي گهر پٽي، زال ميڙي گهر ميڙي.
نياڻي کي مائٽ لاڳ ڏيندا، ڀاڳ نه ڏيندا.
جتي ڀڄڻ ناهي ڀاند، اتي ڀڄڻ ڪم ورنام جو.
ڏاڏي جي لٺ کي به مٺا.
جنهن جي پليءَ ۾ داڻا، تنهن جا چريا به سياڻا.

پٺتي پيل سنڌي سماج جي عڪاسي!
ڪڏهن پريءَ ۾، ڪڏهن ڀاڪر ۾.
ڪتيو سپ چمار، پاندي پوري ڪن ٿي.
انهن پهاڪن کانسواءِ سنڌيءَ ۾ ٻيا ڪيترائي پهاڪا ملن ٿا، جيڪي ڏوهيڙن ۾ چيل آهن.

عادت نه مٽي عادتي، علت سور نه جاءِ،
آن پوي ڪٽڪ ۾، ته به کمند چڙ چڙ کاءِ.

---

ماءُ سا ماءُ، باقي سڀ ڌنيا جو واءُ،
مٽن چڏيون مائٽيون، سڳن چڏيو ساءُ،
اهڙو لڳو واءُ، جو ڀينتا به پراوا ٿيا.

---

پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ ۽ چوٿون سواري،
نندي هوندي نه سکيو ته وڏي هوندي خواري.

---

ڏکڻ مينهن نه وسنا، جي وسن ته ٻوڙي،
کانئر ڏک نه هٽنا، جي هٽن ته جهوري.

---

پريو مڙس کاند نه ڪجي، سهي وڃائجي وهي،
ڪٽکن ۾ لاٻارا پوندا، مارڻ پوندو ڏهي.

انهن پهاڪن مان اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته پهاڪا يا چوڻيون هجن يا اصطلاح سچ پچ ته سنڌي ٻوليءَ جو سينگار آهن. سنڌي سچاڻن ۽ سگهڙن دنيا جي واقعن، آزمودن ۽ قدرتي نظارن توڙي روزمره جي گهرو زندگيءَ جي تصوير مان حقيقتون حاصل ڪري زندگيءَ کي بامقصد بنائڻ لاءِ پهاڪا ۽ چوڻيون جوڙيون. سنڌي با وقار ۽ سچار، صداقت جي زندگيءَ کي ترجيح ڏين ٿا. اهوئي سبب آهي جو سنڌ ڄاڻي تهذيب اچوڪي تهذيب جي گواهي پيش ڪري ٿي. آڳاٽا جوڙيل پهاڪا، انسان جي عادتن، رفتار، گفتار، رسم و رواج، حرفت جو هوبهو نقشو چٽين ٿا. هڪ آسودي ۽ مڪمل، ادبي زبان ۾ پڻ پهاڪا ۽ چوڻيون هجڻ لازمي آهن. اسان جي سنڌي زبان ۾ ايترا ته پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح موجود آهن، جو انهن جو ڪاٿو ئي نٿو ڪري سگهجي، انهيءَ ڪري سنڌي زبان لاءِ اهو چئجي ته اها وڏي شاهوڪار ۽ صلاحيتن سان پُر آهي.

## مددي ڪتاب:


١- دي آڪسفورڊ انگلش ڊڪشنري جلد پنجون ١٩٣٣ع.

٢- دي شارٽر آڪسفورڊ انگلش ڊڪشنري (آن هسٽاريڪل پرنسيپلس) ايڇ - ڊبليو - فائولر ۽ وليم لٽل، جلد پهريون.

٣- مرزا قليچ بيگ: پهاڪن جي پاڙ.

٤- الهداد ٻوهيو: سنڌي جو سماجي ڪارج.

٥- نارائڻ ڀارتي: هڪ ڪلا.


— ٥ —

# صديدن ڏي سفر

”شاعري سڀني لطيف فنن جو روح آهي“(١)، ڇوته ان جي تخليق جو واحد وسيلو لفظ آهن ۽ لفظ شين جون علامتون آهن، خود شئي نه آهن. ان ڪري ئي شاعري ڏکئي ۾ ڏکيو فن پڻ آهي، ”شاعريءَ جو بنياد آهي جذبن جي گوناگوني ۽ گهرائي“(٢) تي، پر جذبن ۽ خيالن کي اوتري ئي گهرائي سان- جيترو گهرو خود شاعر محسوس ڪيو آهي— پڙهندڙ تائين پهچائڻ ئي شاعريءَ جو ڪمال آهي. ”انهن امنگن کي روشن دماغ ئي عرش تي اڏائي ٿو ۽ اندلٺ جهڙا رنگ، خواه بادلن جهڙي رم جهم ۽ بجليءَ جهڙا چمڪاٽ رچائي ٿو“(٣):

”وشال آهي نيراڻ آڪاش جي
نه پڇرو، نه پڇري ۾ آهي پکي!“
(امداد حسيني)

’شاعري جيئن ته جذبي ۽ فڪر جو فني اظهار آهي.‘ ان اظهار لاءِ شاعر لفظن جو محتاج آهي. جڏهن به ڪو نئون خيال، ڪا نئين سوچ، ڪو نئون فڪر، ڪو نئون احساس اڀرندو آهي شاعر جي اندر ۾ —ته ان جي اظهار لاءِ هر دؤر ۾ شاعر پاڻ کي مجبور محسوس ڪيو هوندو: تنهنڪري شاعر پنهنجي اندر جي اظهار لاءِ نئين ٻولي تخليق ڪري ٿو— ٻوليءَ جي موجود لفظن کي ’نئين معنا‘ عطا ڪري ٿو. نين علامتن، اشارن ۽ تمثيلن جي ايجاد ڪري ٿو، نوان گهاڙيتا گهڙي ٿو— بحر وزن ۾ ڦيرگهير ڪري ٿو — ۽ اٿين سڀ گهيرا ٽوڙي: هڪ نئين راهه رمي ٿو. شاعري ان ڪري ئي بيٺل سينواريل تلاءُ نه، بلڪ وهندي واهڙ جيان آهي.

ٽي.ايس. ايليٽ چيو هو: ”جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي دور جو نئون ۽ زنده ادب نه هوندو ته اسان پنهنجي ماضيءَ جي ادب کان ڇڄي وينداسين“(٤). ان ۾ به ڳالهيون اهم ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ آهن، هڪ ته ”نئون“ ۽ ٻيو ”زنده ادب“: اهو سمورو ادب جيڪو هڻ دور ۾ لکجي پيو، سو ”نئون“ ناهي بلڪل اهڙيءَ ريت جيئن ماضيءَ ۾ سرجيل

”ڏيڙو ڏنگيل ڏيياس، ڪٿيون مڏيُون ڪاتيون
هٿ تَرين ۾، پيرن پٽ ۾، ڪيئيون ڪوڙ ڪٿياس
ڪٿيون مڏيون ڪاتيونَ“
(وائي)

—

”بسنت رُت ۾ پيلو چهرو، ڪونه ڏهي ٿو پيارا
چهري تي رانبوڙتا پائي، لال گُلال ڪري ڇڏ“
(ترائيل)

—

”جيڪو پيچ لوڏيندو
هڏي سو چوپيندو
ان جي آڪ نه هوندي
جيڪو آڪ ڇنيندو“

(غزل)

امداد جي لفظ لفظ — سٽ سٽ سان سلهاڙيل احساس بيحد تخليقي سطح تي اُسرندا ۽ نسرندا آهن ”محسوس ڪرڻ ۽ محسوس ڪرائڻ“ شاعر جو ۽ (خود شاعريءَ جو) بيحد سگهارو عمل آهي. امداد جي شاعري ان عمل مان مسلسل/لڳاتار گذري رهي آهي. وقت، حالتون، واقعا ۽ منظر بدلجي سگهن ٿا، پر هر وقت، هر حالت، هر واقعي ۽ هر منظر کي هڏو ايڏو گهرو ۽ ڀرپور ڇنيندو آهي، جو ”تنهنجا احساس محسوس مونکي ٿين“ واري ڪيفيت پيدا ٿيو وڃي — ۽ اها ڪيفيت ’انتهائي موسيقيت‘ وسيلي يا ’عڪسن‘ وسيلي پيدا ٿي سگهي ٿي:

”اڃو
سج جي مچ جي چؤطرف
ڇيتا ڇيڪ ڇوڙي
ڇيتا ٿي
منگرمان جي تيز لٽي تي نچو
سوئر ’وڄ‘ پنهنجا ٽڪا پيو ڪري
ڏڦن کي ڪٽو
هنبوڇي هٽو

تو مٿان گهوريان
ٻاجهہ ڪج
هن مٽيءَ
کي چُمي
چنگ تو چوريان
سنڌڙي جندڙي"

امداد پنهنجي شاعريءَ ۾ "مٽيءَ" ۽ "ڌرتيءَ" جو ذڪر بار بار ڪري ٿو. اها ئي "مٽي" ۽ "ڌرتي" جنهن سان سندس اَٽُٽ ناتو آهي:

"مــٽــي منهنجي ميٺ الــولـو
ڇما جو ڏپ ۽ ڇا جو پولو"

هر ٻئي فن وانگي شاعري به حقيقتن جي اُپٽار آهي. فنڪار جو داخلي تجربو ۽ خارجي ردعمل آهي: گُهٽ؛ ٻُوسٽ؛ مونجهہ؛ ٽٽل آدرش؛ رک ٿيندڙ جڙون، انڌا احساس؛ مُڙدا لفظ؛ کوکلائپ: زندگيءَ جو اهو سمورو زهر نڙي ڇيريندو "شخص" جي اندر اونهاين تائين پيهندو پيو وڃي:

"روح جــي پـاتـال تـائين، زهر ڪو اوتي ويــو
مـوڙ ڪنڌن جـا مـٽـي تـي ۽ صليبن ڏي سفر"

مٽي تي ڪنڌن جا موڙ ٻـڌيو ـــ سندس 'صليبن ڏي سفر' اڃا جاري آهي:

"پاڻ کي هلندو رهڻ گهرجي
هٿ هٿ ۾ پايو
ان ريکا تي نيڻ کپايو."

**حوالا:**

(١) شمشيرالحيدري: ادبي اوسر، سنڌي آزاد نظم، سنڌي زبان پبليڪيشن ١٩٦٧ع ص١٠٠.
(٢) فتح چند واسواڻي: موج ڪئي مهراڻ، سنڌي ساهتيہ سنگت آديپور ڪڇ ١٩٦٦ع بئڪ ٽائٽل.
(٣) ايضاً.
(٤) جميل جالبي: ايليٽ کـي مضامين، رائٽرز بڪ ڪلب ڪراچي ١٩٧١ع ص٨٨.

(٥) الهداد ٻوهيو: سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ١٩٧٨ع،ص ١٦١.
(٦) عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٣ع ص ٢٩٠.
(٧) تنوير عباسي : امداد آهي رول ، سنڌي ادبي اڪيڊمي حيدرآباد ، ١٩٧٦ع ٻئڪ ٽائٽل.

## مددي ڪتاب


١- ادبي اوسر- سهيڙيندڙ: غلام علي الانا ۽ زيڊ.اي.شيخ - سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد-١٩٦٧ع.
٢- امداد آهه رول-امداد حسيني سنڌي اڪيڊمي حيدرآباد-١٩٧٦ع.
٣- ايليٽ ڪي مضامين-جميل جالبي-رائٽرز بڪ ڪلب ڪراچي ١٩٧١ع.
٤- سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج-الهداد ٻوهيو- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٧٨ع
٥- سنڌي ادب جي مختصر تاريخ- عبدالجبار جوڻيجو- زيب ادبي مرڪز حيدرآباد-١٩٨٣ع.
٦- موج ڪئي مهراڻ-فتح چند واسواڻي-سنڌي ساهت سنگت اڊيپور ڪڇ ١٩٦٦ع.
٧- مهراڻ (سه ماهي)ص-١٤ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ٤-٢-١٩٧٢ع.
٨- مهراڻ (سه ماهي)ص-١٧ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ٤-١٩٧٥ع.
٩- مهراڻ (سه ماهي)ص-٣١ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ٣-١٩٨٥ع.


— ٥ —

# شاعريءَ جو سماجي ڪارج

شاعري، جيئن تہ ادب جو هڪ حصو آهي، تنهنڪري ان جو ڪارج بہ اهوئي ٿيندو جيڪو خود ادب جو آهي؛ پر حقيقت ۾ ادب جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ شاعريءَ جي اهميت/ ڪارج وڌيڪ اعليٰ ۽ پُر اثر آهي؛ بقول وردز ورٿ(١).

"Poetry is the breath and finer sprit of knowledge."

شاعريءَ جي سماجي ڪارج جي باري ۾ ڪجھ چوڻ کان پهريئن اچو تہ ڏسون تہ شاعري بذات خود ڇا آهي؟ ان جا محرڪات ڇا آهن؟ انسان ۾ جڏهن غم ۽ خوشيءَ جي شدت پيدا ٿئي ٿي تہ هو بي قابو ٿي پنهنجي ڪيفيت جو اظهار ڪجھ جملن جي صورت ۾ ڪري ٿو؛ جيڪي مڪمل شاعريءَ جو نمونو تہ نہ هوندا آهن پر هڪ قسم جي اندروني ڪيفيت جو اظهار ضرور هوندا آهن. شاعريءَ جي نصابي تشريحن ۽ تعريفن کي پري ڪري جيڪڏهن سوچيو وڃي تہ ان کان ڪوبہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ، شاعريءَ جي دنيا جو پهريون سڄو انساني تجربي مان آسريل فڪر مان ئي ٺسريو هوندو. اهڙيءَ طرح پوءِ انهي فڪر ۽ ڪيفيتن جي اظهار لاءِ ڪي ڪي پابنديون/ هيئتون وجود ۾ آيون، جيڪي شاعريءَ لاءِ لازمي ٿي ويون ۽ انهن جي پابندي ڪرڻ کانسواءِ شاعري اڌوري ليکي وڃي ٿي. جڏهن تہ ڪيترن ئي شاعريءَ جي نقادن شعري پابندين ۽ هيئتن کي ڪا اهميت نہ ڏيندي صرف جذبي، مقصد ۽ احساس جي اظهار کي ئي شاعري سڏيو آهي. شبلي نعماني لکي ٿو تہ، "دنيا ۾ جيترا بہ قدرت جا مظهر آهن، اهي مادي هجن مثلاً پهاڙ، برپٽ، باغ، دريا وغيره توڙي غير مادي مثلاً، وصال، جدائي، احسان، محبت، نفرت انهن سڀني جو دل تي اثر ٿئي ٿو ۽ هر شخص جي دل تي ٿئي ٿو، پر اثر مختلف ٿين ٿا، ڪن تي ٿورو تہ ڪن تي گهڻو ٿئي ٿو. جيڪو شخص انهن جو اثر عام ماڻهن کان وڌيڪ قبول ڪري ۽ انهي اثر کي لفظن جي شڪل ۾ آڻي ٿو، اهو شاعر آهي"(٢).

ڊاڪٽر گربخشاڻي وري جذبي، احساس، مقصد ۽ مشاهدي جي قوت کان علاوه فن ۽ هيئت کي بہ اهميت ڏئي ٿو، "شاعريءَ ۾ نہ فقط حسن

جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هئڻ گهرجي، مگر انسان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي 'شاعري صنعت' چئجي ٿو(٣). شاعريءَ جو تعلق جذبي ۽ احساس سان گهڻو آهي، پر عقل ۽ فهم کي پري ڪرڻ سان به شاعري مڪمل ٿي نه ٿي سگهي:

شاعري ذات آ ايـاز مـگـر،
ذات ڪهڙي، هجي نه جنهن کي ڏانءُ.

شيخ اياز

شاعري جذبن، احساسن، اُمنگن ۽ آدرشن جو فني اظهار آهي، يا ائين ڪٿي چئجي ته شاعري زندگيءَ جو اظهار آهي.

شاعر ۾ عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻيون خوبيون هونديون آهن: حساس ۽ جذباتي به انتها درجي جو ٿئي ٿو، هو ذات ۽ ڏانءَ جو به ڌڻي هوندو آهي ۽ انهيءَ ڪانسواءِ "هو قدرتي طور تي انسان دوست پڻ هوندو آهي"(٤). شاعر جيئن ته معاشري جوئي هڪ فرد ٿئي ٿو، تنهنڪري هو رشتن ناتن کان متاثر ٿئي ٿو: وصال ۽ وڇوڙي، رنج ۽ راحت، وفا ۽ بي وفائيءَ، مجبوري ۽ مفلسيءَ، فنا ۽ بقا جي انيڪ قلبي وارداتن، ذهني پيڙائن ۽ فڪري تجربن مان گذري ٿو، جنهن جو سندس دل، دماغ، احساسن ۽ سوچن تي اثر پوي ٿو، هو انهن تجربن ۽ وارداتن کي پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ، مشاهدي ۽ مٺيا جي زور تي اظهار ڪري ٿو، جيڪو شاعريءَ جي روپ ۾ معاشري جي سامهون اچي ٿو.

هر ليکڪ وانگر شاعر جي نظر به پنهنجي قوم جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي هوندي آهي، "مان شاعر آهيان، وقت منهنجو غلام آهي، مان ماضي، حال ۽ مستقبل سڀ کي اک چنڀ ۾ مليا ميٽ ڪري سگهندو آهيان...."(٥). هر ليکڪ وانگر هو به چاهيندو آهي ته سندس قوم ترقي ڪري ۽ جنهن معاشري ۾ هو رهي ٿو، سو 'مهذب معاشرو' سڏائڻ لائق ٿئي: ڏک، مفلسي، پرماريت ۽ جهالت وغيره جي پاڙ پٽجي وڃي، ۽ هر ماڻهو آزاد، خود مختيار ۽ خوشحال ٿئي. هر ماڻهو آزاد ۽ آزاديءَ جون نعمتون ماڻي سگهي. "اديب کي هميشه خود طيءِ ڪرڻو پوندو آهي ته جيڪڏهن کيس Totalitrian سوسائٽيءَ ۾ رهڻو آهي ته ڇا ڪرڻ گهرجي، جمهوريت يا ڪميونسٽ سماج جو ميمبر آهي ته ڇا ڪرڻ گهرجي! کيس مسلسل هوشيار رهڻو پوندو ته آزاديءَ جو ڪهڙو مفهوم ۽ مقصد ورتو پيو وڃي. انارڪسٽ، مارڪسٽ، معدوميت پرست ۽ خود

ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهو تائين پهچائڻ ڇا تبليغ نہ آهي؟ بلڪل تبليغ آهي. پر اها تبليغ فن جو اعليٰ نمونو هوندي آهي. هڪ شاعر لاءِ لازمي آهي تہ هو پنهنجي ضمير سان سچو رهي، جيڪي ڏسي يا محسوس ڪري اهو بيان ڪري نہ صرف اهو ڪجهہ بيان ڪري جيڪو ٿيو آهي پر جيڪو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي ان جو ادراڪ بہ ڪيس هئڻ گهرجي اهڙو ڪم هڪ تاريخ دان (مؤرخ) بہ پنهنجي انداز سان ڪري ٿو پر شاعر ۽ هڪ تاريخ دان ۾ جو فرق آهي ان لاءِ ارسطو جي لفظن ۾ تہ:

From what we have said it will be seen that the poet's function is to discribe, not the thing that has happened, but, a kind of thing that might happen, i.e what is possible as being probable or necessary. The distinction between Historian an Poet is not in the one writing prose and the other verse (٨).

معاشري ۾ رهندڙ ماڻهن جي اڪثريت ڪن شين لاءِ پنهنجي ذهن ۾ ڪي خاص تصور رکندي آهي ۽ هو پنهنجي ان تصور مٽائڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي آهي يا هُن وٽ ڪو اهڙو دليل نہ هوندو آهي، يا هن جي ذهن ۾ ايتري وسعت نہ هوندي آهي تہ هو جنهن شيءِ کي سچ سمجهي ٿو (يا سمجهايو ويو آهي) ان کي پرکي سگهي يا رد ڪري سگهي. اها شاعري ئي آهي جا نہ صرف شعور کي پختو ڪري ٿي پر حقيقت تي شڪ ڪرڻ (حقيقت تي شڪ ڪرڻ انسان جو بنيادي حق آهي) لاءِ پڙهندڙ ۾ همت ۽ حوصلو پيدا ڪري ٿي. مثال طور اسان جي برصغير ۾ ”تاج محل“ جو تصور ’محبت جي محل‘ ۽ ’محبت جي عظمت‘ جو آهي پر هن تصور کي اردوءَ جي مشهور شاعر ساحر لڌيانوي پنهنجي هڪ نظم ۾ ريتي ڇڏيو ۽ انهيءَ نظم جي ذريعي اسان کي ٻيو تصور بخشيو:

ايک شهنشاه نے بنوا کے حسين تاج محل،
هم غريبوں کی محبت کا اڑايا ہے مذاق.

دنيا ۾ محبت جو غم وڏي ۾ وڏو غم سمجهيو ۽ تصور ڪيو ويندو هو، پر فيض احمد فيض ان غم کان علاوه هڪ ٻئي غم جي تصور کي اهميت ڏني:

اور بـهـي غـم هين زمـانے مين محبت کـے سوا،
راحتين اور بهي هين وصل کي راحت کے سوا،

توڙي جو معاشري جي ذهن ۾ اها ڳالهه ضرور هئي ته دنيا ۾ محبت کانسواءِ ٻيا به غم آهن، پر هو انهيءَ تصور يا احساس ۽ جذبي کي لفظ عطا ڪري نه پئي سگهيا، پر هڪ شاعر جڏهن اها ڪيفيت جهڙي ته اها بيان ڪري ڇڏيائين ۽ هاڻي اهو شعر پهاڪي جي طور ڪم ايندو آهي؛ پهاڪن ۾ هميشه اٽل ڳالهه يا حقيقت جو ذڪر هوندو آهي ۽ پهاڪن جي جوڙجڪ صدين جي تجربي ۽ مشاهدي کانپوءِ ٿي جڙندي آهي. هاڻي اهو شعر جڏهن ذهن ۾ اچي ٿو (جيڪو درحقيقت پهاڪو نه آهي) ته ماڻهو ڪيڏو محظوظ ٿئي ٿو.

سنڌي شاعريءَ تي هڪ اهڙو دور به آيو جڏهن فارسي جي بحر وزن تي ڪيل شاعريءَ کانسواءِ ٻي سموري شاعري جهنگلي ۽ غير تهذيبي شاعري ليکي ويندي هئي. شاعر فارسي ۽ عربي ترڪيبون، تشبيهون استعارا ۽ اصطلاح ٺـي سنڌي شاعريءَ ۾ استعمال ڪرڻ کـي فن جو معراج سمجهندا هئا. پر نيٺ شاعريءَ جو اهو تصور ختم ٿيو ۽ شاعرن، مقامي اصطلاح، ترڪيبون ۽ تشبيهون اختيار ڪري اڳيون قائم ڪيل تصور ٽـوڙي ڇڏيو، ايتريقدر جـو اڄ ڪوبہ شاعر جيڪڏهن ڌاريـن ٻولين جون ترڪيبون ۽ اصطلاح پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري ٿو ته ان جي شاعري عام ٽـوڙي خاص ۾ ڪوبہ مقام حاصل ڪري نٿي سگهي. هن بحث مان مراد هئي ته شاعريءَ رستي نوان تصور، جذبا ۽ احساس قائم ڪري سگهجن ٿا، جيڪي معاشري کي ناهڻ توڙي بگاڙڻ ۾ اهميت رکن ٿا.

تاريخي تحقيقن ذريعي اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته قديمي دور ۾ گيت يا راڳ جي ذريعي ٽوٽڪي ڦيٽي جو ڪم ورتو ويندو هو؛ جيئن بيمار کي سگهو ڪرڻ؛ ديوتا کي ريجهائڻ وغيره يا مذهبي ڏڻن تي مداحون، مولود ۽ ڀڄن وغيره چوڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهڙي قسم جي شاعريءَ کي سماجي ڪارج طور ڪتب آندو ويو (اڄ تائين پڻ ڪتب آندو وڃي ٿو). ”رزميه ۽ داستان گوئي واري شاعري اوائلي دور ۾ تاريخ کي محفوظ ۽ منتقل ڪرڻ کان علاوه ڪن گروهن جي تفريح جو سماجي ڪارج پڻ ادا ڪيو؛ چو تـه انهيءَ دور ۾ ٻوليءَ جو لکيت ۾ اچڻ جو رواج ڪونہ هيو هو“(۹). اسان پنهنجن ڀِٽن ۽ چارڻن کي ڏسنداسين

سندس لاءِ جيون جو ڪارڻ آهي؛ اهو جڏهن محبت جي نالي ٿيندڙ آنياءَ ڪي معاشري ۾ وڌندو ڏسي ٿو ۽ سياست ڪي استحصال ۽ ڪنهن هڪ فرقي يا گروه خلاف استعمال ٿيندي ڏسي ٿو، تڏهن هن ۾ مختلف قسم جا رد عمل پيدا ٿين ٿا؛ دل ۾ ڪجهه سوچي ٿو، ڪا نئين سوچ ڪو نئون جذبو آپارڻ، نئون ڏيئو ٻارڻ چاهي ٿو پر هن وٽ لفظ نه آهن، اهو شاعر ٿي آهي جيڪو ڪيس سچائيءَ سان لفظ آڇي ٿو:

رکو محبت ناهي گهيرو!

دنيا ۾ قادياني آهن
۽ ڪيئي ڏيوالا آهن؛
بازارين ۾ تالا آهن،
هنڌيون آهن،
ساڙ — وير جون ٻنديون آهن،
آفت جا پرڪالا آهن؛
ڪيئي سُود اگهاڙڻ وارا
لالا آهن؛
جيڏا ڪوڙا آهن تيڏا
ٻول انهن جا ٻالا آهن؛
اخبارن ۾
ڪيڏا مرچ مسالا آهن!
ڪاپيءَ ڏر ۽ ساچيءَ ڏر ۾
گارين جا پرنالا آهن؛
صوفي ڪيئن چون ٿا ڪونهن
آهن، هي سڀ سالا آهن!
اولهه وارا، اوڀر وارا
سڀ جي دال ۾ ڪالا آهن،
هرڪو پنهنجي سُوارٿ جو آ
سڀ مڪڙيءَ جا جالا آهن،
پانڊين جي پيرن ۾ ڪيڏا
ڇپر ڇپر جا ڇالا آهن!
ترس، خلا مان ٻَمُ ڪرڻ ڏي

اڃا سمنڊر آلا آهن!
دنيا ڪا رابيل نہ آهي!
ٻيل نہ آهي!
تنهنجا تيل قليل نہ آهي!
ڳيرو، دنيا رڳو محبت ناهي!
رڳو محبت ناهي!—(١٠)

شيخ اياز (چنڊ چنبيليءَ ول)

شاعر دراصل معاشري جي مڙني فردن جي گروهن جو هر اول دستو آهي، اهڙن مجاهدن، حساس ۽ سچن سرفروشن جو دستو آهي جيڪي فرد جي ذات کان وٺي سموري معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ تبديلي جا خواهان هوندا آهن. اهڙي تبديلي جيڪي عوام چاهيندو هجي، عوام جي ذهن جي لڪل خانن (لاشعور) ۾ ڪَرَ ڪڍندي هجي ۽ شاعر انهيءَ تبديليءَ جي سوچ کي ماڻهن جي مرضي مطابق ماڻهن جي اڳيان آڻي ۽ سماج ۾ رهندڙ سمورا طبقا اهو سمجهڻ تي مجبور/ آماده ٿين تہ اها تبديليءَ جي خواهش اسان جي ذهن ۾ اڳي ئي موجود هئي. هونئن بہ 'اصول آهي تہ' جيتريقدر معاشري جا خيال ۽ رايا، عادتون ۽ اطوار، ذوق ۽ شوق بدلجن ٿا، شاعريءَ جي حالت بہ ايتريقدر ئي تبديل ٿئي ٿي. اها تبديلي بلڪل غيرارادي لڳندي آهي، ڇو تہ معاشري جي حالت ڏسي شاعر ڄاڻي ٻجهي پنهنجي حالت تبديل ڪونہ ڪندو پر معاشري سان گڏوگڏ هو خود بخود تبديل ٿيندو ويندو آهي"(١١).

ليڪن ۽ شاعر ئي پنهنجي فن ذريعي پنهنجي قلم جي زور سان اهو ڪجهہ چئي ۽ لکي سگهي ٿو، جنهن جو ٻئي ڪنهن نموني اظهار نہ صرف مشڪل پر ناممڪن ٿيو پوي. قومن جي شاعريءَ جي تاريخ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ اڪثر وڏن سماجي انقلابن کان اڳ ۾ شاعريءَ ۾ انقلاب ايندو آهي. صدين جو پيڙائون، ظلم، ڏاڍَ، ڏڪَ، ادب ۽ شاعريءَ جو روپ وٺي عوام جو هٿيار بڻجي پوندا آهن. اهي هٿيار ڏکن ڏولاون کي طاقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. اها طاقت حال جي جابر قوتن جو مقابلو جدوجهد سان مستقبل جي لاءِ روشن واٽون تخليق ڪندي آهي ۽ سماج ۾ هلندڙ غلط روايتن، ڏاڍاين، عزت جي ڪوڙن معيارن ۽ اجاين ريتن رسمن خلاف صحيح رُخ ۾ تبديلين جو ڪارڻ پيدا ڪندي آهي:-

(٧) مجتبيٰ حسين، ڊاڪٽر: اديب اور معاشره، پاڪستاني ادب پهريون جلد. فيڊرل گورنمينٽ ڪاليج، راولپنڊي. مئي ١٩٨١ع ـ ص ـ ٤٩٠.

(٨) Robert Maynard Hutchins Ed; in-chief 'Great books of the Western world "Aristotle" Volume II 1952 Uni: of Chicago U.S.A p-686.

(٩) جالبي، جميل: 'ايليٽ ڪي مضامين' اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي ١٩٦٠ع ص-٢٧.

(١٠) اياز شيخ: "چند چنبيليءَ ول" نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٨٥ع-ص-٨١.

(١١) حالي، خواجه الطاف حسين: "مقدمه شعر و شاعري" اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي ص-٢٣-٢٤.

(١٢) گرامي، مولانا غلام محمد: 'مهراڻ' شاعر نمبر—سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو گذارش ص-١١.

— O —

رکڻ ممڪن ٿي نه هو ۽ ساڳئي وقت خريد ۽ فروخت جو سلسلو ڪنهن هڪ شهر تائين محدود نه هو پر ڪيترن ئي شهرن تائين ڦهليل هو. تنهنڪري تحريري علامتن کي پڻ ڪنهن هڪ شهر ۾ رائج ڪونه ڪيو ويو پر سڄي ملڪ ۾ هڪجهڙيون نشانيون مقرر ڪيون ويون(٤).

سمير جون اهي تصويري نشانيون فقط شين جي علامت ته بڻجي سگهيون پر ڪنهن خيال يا جذبي جي نمائندگي ڪري نه ٿي سگهيون. تحرير جو فن حقيقي معنيٰ ۾ تڏهن ئي اسريو جڏهن اهي نشانيون تصويري علامتن جي بجاءِ شين جي نالن جي آواز جي علامت بڻيون. هيءَ ڏکيو مرحلو به وقت گذرڻ سان سميرين پاڻ ئي طئي ڪيو.

ايرڪ نالي حڪمران جي دور جي لڳل تصويري نشانين جو تعداد ٻن هزارن کان به مٿي آهي، ليڪن آهستي آهستي اهو تعداد گهٽبو ويو تان جو ٣ هزار قبل مسيح جون تختيون جيڪي ”شرو پڪ“ جي شهر مان مليون آهن تن ۾ انهن اکرن يا نشانين جو تعداد صرف اٺ سو آهي.

اهل سمير نديدن نديدن مٽيءَ جي تختين تي ڪندن ۽ بيد مشڪ جي قلم سان ليکا پائيندا هئا، تنهنڪري انهيءَ لکيت کي ميخي طرز تحرير (Cuniform) سڏيو ويندو آهي. سميري ڪاتب سڄي تختيءَ تي چار خانا ٺاهي پوءِ مٿان کان هيٺ تصويرون کوٽي ٺاهيندا هئا ۽ پوءِ تختيون باهه ۾ پچائيندا هئا. ڪن اهم دستاويزي حيثيت جي تختين لاءِ مٽيءَ جا کوکا ٺاهي ان ۾ اندر رکندا هئا. اهي کوکا به باهه ۾ پچايا ويندا هئا. اهڙا کوکا به وڏي تعداد ۾ لڌا ويا آهن.

سميري زبان جي برعڪس عڪادي زبان سامي نسل جي آهي. سامي خاندان ۾ عربي، عبراني، سواحلي ۽ آرامي ٻوليون شامل آهن. هيءَ زبان بابل کان اشور تائين ڳالهائي ٻولهائي ويندي هئي. دجله ۽ فرات جي ماٿري جي اولهه ۾ جيڪي ملڪ آهن، مثلاً شام، فلسطين لبنان وغيره، آتي به رائج هئي، ڇو ته آتي پڻ سامي نسل جون قومون آباد هيون. اٽڪل ٢٠٠٠ق.م ڌاري بابل ۾ سامي سلطنت قائم ٿي ته اهل بابل اڳ ئي ڪافي ترقي ڪيل سميري رسم‌الخط کي اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا؛ پر جيئن ته سندن زبان صرفياتي پد (Inflective) تائين پهتل هئي، مثلاً ڪَتَبَ مان ڪاتب، مڪتب، ڪتاب وغيره جا آواز ڌار ڌار صورتون اختيار ڪن ٿا. تنهنڪري اهل بابل عڪادي

**حوالا:**

(١) علي نواز جتوئي: علم لسان ۽ سنڌي زبان ١٩٨٣ع-ص٢٠٠.
(٢) حوالو ساڳيو ڪتاب " ص٢٠٢
(٣) ابن حنيف: دنيا کا قديم ترين ادب (اردو) ١٩٨٢ع، ص٨٣.
(٤) سبط حسن: ماضي کي مزار-(اردو)ص ٤٥.
(٥) سبط حسن: ماضي کي مزار (اردو)ص٤٨.
(٦) ابن حنيف: دنيا کا قديم ترين ادب-(اردو)ص٩١.
(٧) ادريس صديقي: ترجمو شمس سرڪي، سنڌو ماٿر جي سڀيتا- سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٩ع-ص-٢٧.
(٨) ادريس صديقي: ساڳيو ڪتاب- ص١٨١.
(٩) ادريس صديقي: ساڳيو ڪتاب- ص١٧٨.
(١٠) ادريس صديقي: ساڳيو ڪتاب-ص١٩٥.
(١١) زنيبڊي، اي، راڳوزين: ويدڪ انڊيا (انگريزي) ص-٤٤.

— ٥ —

جو سات ڏنو ۽ پاڻ پنهنجن ماڻهن سميت ميرن جي ديرن جي حفاظت
ڪئي ۽ مضبوط پهرو ڏيارو مرزا قلب علي خان جو اولاد اڄ ڏينهن تائين
ٽنڊي آغا لڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ آباد آهي.

ميان محمد يوسف هر لحاظ سان پنهنجو حق نمڪ ادا ڪيو،
شعرو سخن سان هن کي جو شوق هو سو مصيبتن جي زماني ۾ به ساڳيو
رهيس پر ميان کي پهر اهڙي محفل ميسر نه ٿيس جو اهي ماڻهو تڙي
پکڙجي ويا. ميان جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

## غــزل

روز جهان سياه ز چشم سياه تست
خلقي به خون طپيده تيغ نگاه تست

آهسته نه قدم ک مبادا شود تباه
نور نگاه خلق همه فرش راه تست

بيداد ميکني و نترسي زباز خواست
روز جزا که جمله جهان داد خواه تست

کردن نگاه خوبان گناه من
دل بردن و نگاه نه کردن گناه تست

خواهي بياد برده و آباد ساز خواه
امروز در ممالک دل دستگاه تست

"يوسف" ز روزگار مينديش و سربنه
بر آستان ميکده کانجا پناه تست

ميان محمد يوسف، مير صوبدار کان جي چوڻ تي "مثنوي مهر و ماه"
لکي، جنهنجا اشعار هت ڏجن ٿا.

پس از هجرت چوشد بي قيل و بي قال
هزار و دو صد و پنجاه و شش سال

بتاريخ سعيد و ماه مسعود
چهارم شب ربيع‌الاولين بود

که شد پردخته اين گنجينه راز
بکان لعل و بحر گوهر انبار

هي مثنوي انهن ٽي شعرن تي ختم ڪئي اٿس.

تہ رات جو اسانجي بنگلي جي پٺيان جيڪو ٻيلو آهي انهيءَ مان ڪانئين ڪِنڻ جو اهڙو آواز ٿو اچي جو اسانجي آرام ۾ رخنو ٿو پوي. جناب مير صاحب جي چوڻ موجب اونداهي رات هئي. هو انهيءَ وقت اڪيلو هٿين ٺهلو ويو. ڏٺائين تہ ٻن شخصن ڪهاڙين سان جهنگ ٻي وڍيو. ٻنهي کي ڪَنن کان وٺي اچي مير صاحب اڳيان پيش ڪيو ۽ چيائين تہ هي شخص آهن جيڪي توهان جي ٻيلي جو نقصان ڪري رهيا هئا. مير صاحب محمد طاهر کي شاباس ڏني ۽ هنن کي حوالات ۾ رکيو. اهڙي طرح ميان طاهر هميشہ اهڙا بهادري جهڙا ڪم ڪندو هو. جنهن تي مير صاحب خوش ٿي انعام و اڪرام ڏيندو هئس(٣٠).

## سرائي ميان طيب

ميان طيب جنهن جي نالي ٺٽو طيب مشهور آهي. هو ميرن جي دور ۾ خوراڪ واري کاتي مٿان مقرر هو. نهايت لائق، شريف پرهيزگار ۽ ثوم و صلواة جو پابند هو. ٺٽي طيب ۾ موجوده جنازي نماز واري مسجد آهي، اها جاءِ سندس گهوڙن جي ”ڪُڙهہ“ هوندي هئي. دل جو تمام سخي هوندو هو. نماز پڙهي ٻاهر نڪتو تہ، هڪ سواليءَ کيس عرض ڪيو تہ اگهاڙو آهيان ڪپڙا ڏي، پاڻ انهيءَ وقت گوڏ ٻڌي ڪپڙا سواليءَ کي لاهي ڏنائين. ڪنهن بہ سواليءَ کي خالي نہ موٽائيندو هو. ميرن جي زوال ڪانپوءِ هميشہ روئيندو رهندو هو. هن کي پنهنجي مالڪن جي مصيبتن جو ڏاڍو ڏک هو (٣١).

هنن ماڻهن مان اهو اندازو ٿو ٿئي تہ هو پنهنجي دور جا نهايت چڱا ماڻهو هئا، چاڪاڻ، وفا، بهادري ۽ سخا ٿئي اُتم درجا آهن، جيڪي انهن ماڻهن ۾ موجود هئا. ان کان سواءِ ”علم“ پڻ هنن وٽ هو. هو علم جي روشني سان پڻ ڀرپور هئا. هو نہ فقط سرائي هئا پر ساڳئي وقت شاعر غريب پرور ۽ مائٽ مٿن جو خيال رکندڙ هئا. اهڙن چڱن خادمن جا حاڪم بہ چڱا هئا. جن پنهنجن چڱاين مان حصو پنهنجي خادمن کي ڏنو. ۽ جن قومن ۾ اهڙا بهادر جرنيل، وفادار سخي، خادم ۽ غريب پرور اِنسان هوندا آهن، اهي قومون ڪڏهن بہ ختم نہ ٿينديون آهن.

**حوالا:**


(١) غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا دور) سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٣ ص١٦٤.

(٢) حوالو ساڳيو ص١٦٤.

پنهنجي زندگيءَ جي ابتدائي دور جا واقعات بيان ڪندي هڪ چوريءَ جو ذڪر ڪري ٿو، جنهن ۾ ڪلف ڀڄڻ ۽ جاءِ ۾ گهڙڻ جو ڊرامائي بيان ڪري ٿو. هي ڳالهيون هڪ آتم ڪهاڻيءَ جو بنيادي عنصر آهن. اياز انهن کي نهايت صفائيءَ ۾ تفصيل سان بيان ڪري ٿو. خبر نہ آهي تہ آتم ڪهاڻيءَ جو هي سلسلو ڪڏهن ختم ٿيندو ۽ ڪيترن حصن ۾ هوندو، بهرحال آتم ڪٿا لکڻ ۾ بہ اياز جو هڪ منفرد انداز ۽ هڪ خاص ڏانو آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلريءَ جي دؤر (١٩٧٦-١٩٨٠ع) ۾ اياز خاص طور ڪجهہ مضمون/ تقريرون/ مقالا لکيا، جن جو تعلق ڪن ادبي/ ثقافتي ۽ تعليمي/ تدريسي معاملن سان آهي. سندس اهي مضمون سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽيءَ جي مخزن پرک (١٩٧٧) ۾ ڇپيا. انهن ۾ 'ڀٽ شاہ تي حاضري' وارو خطاب ۽ يونيورسٽين جي ڪردار بابت مضمون نهايت ئي اهم آهن، اياز هڪ مفڪر، هڪ شاعر آهي. هن جي تحرير ۾ بہ گهرو فڪري انداز آهي، هُو لکي ٿو تہ اُٿل ڪاٽي ٿو. سندس رويو هوبهو آبشار وارو آهي. هُن وٽ ٻوليءَ جي بہ اُٿل آهي، پر لفاظي نہ آهي. مضمون ۾ بہ شعر وانگر لفظن جي چونڊ جو ڏانو ۽ ڏات اٿس. اڪثر ليکڪ لفظن جي چونڊ لاءِ پريشان هوندا آهن، اڪثر اُن ڪري ئي تحرير ڪڄسي هوندي آهي. اياز وٽ ائين نہ آهي.

جن مقالن/ مضمونن جو ذڪر ڪيو اٿم، انهن تي هُن گهرائيءَ سان سوچيو آهي، هُن جي پڙهڻ مان اهو بہ اندازو ٿئي ٿو تہ هڪ شاعر انهن مسئلن تي ڪيئن سوچي ٿو، مقالن ۾ ليکڪ جي سوچ سندس سنجيدگيءَ کي ظاهر ڪري ٿي.

شيخ اياز جي آتم ڪهاڻيءَ بابت ظاهر ڪيل راءِ کي هن ڊائريءَ ۾ انهيءَ لحاظ کان بہ ڳڻي سگهجي ٿو تہ هن ڪتاب ۾ بہ اڄ جي مقابلي ۾ تقريباً ويهہ سال اڳ جي واقعن جو ذڪر ٿيل آهي. هيءَ ڊائري جيل ۾ ئي لکي ويئي ۽ ڇپائڻ کان اڳ ليکڪ کي تازا فوٽ نوٽ بہ شامل ڪيا، وڌيڪ سندس مرضيءَ تي ڇڏيل هو تہ هُن اصل پهرئين لکيل مواد ۾ تبديلي ڪئي يا نہ.

جيل جي ڊائريءَ ۾ جيڪو دستوري بيان جو سلسلو هوندو آهي تہ ڪير آيو ڪير ويو، ڪمرو ڪيئن آهي، موسم ڪيئن آهي. هيءَ ڊائري بہ اُن مڪمل تاثر سان شروع ٿئي ٿي. ساهيوال جيل مان

اهڙو عزم ڏيکاري ٿو ته شاعر اڃان هار نه مڃي آهي ۽ هو اڃان پنهنجي همت هاري نه ويٺو آهي. اياز جي هيءَ ڊائري سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد اضافو آهي ۽ ان جي تمام گهڻي اهميت آهي. خاص طور پنهنجي دؤر تي لکيل يادگيرين واري ادب ۾ هڪ تمام اهم دستاويز آهي.

ناشر نيو فيلڊس حيدرآباد ۽ قيمت ڇپيل جلد ٣٥ رپيا ۽ پڪو جلد ٤٥ رپيا آهي.

— عبدالجبار جوڻيجو

— O —

# سنڌي شعبي ۾ لکيل ايم اي ٿيسز ۽ مونوگراف،
# ۽ پي ايڇ ڊي ٿيسز

ايم-اي ٿيسز ۱۹۶۳ کان ۱۹۶۱ع تائين.

| عنوان | مصنف يا مترجم | طبعزاد يا ترجمو |
|---|---|---|
| **۱۹۵۳ع** | | |
| سنڌ جي ڊراما نگاري | محمد امين صديقي | طبعزاد |
| **۱۹۵۵ع** | | |
| ماکيءَ جي مک | بيگم شمس عباسي | ترجمو |
| اسلام جي تبليغ | شيخ محمد حاجن | ترجمو : پريچنگ آف اسلام. |
| زندگيءَ جو راز | غلام علي الانا | ترجمو: يوز آف لائيف. |
| علم و ادب ذريعي | مس نور بانو | ترجمو: ٿرو لٽريچر اينڊ لائيف. |
| **۱۹۵۶ع** | | |
| لاڙڪاڻي جي ثقافتي تاريخ | عبدالڪريم سنديلو | طبعزاد |
| جمهوريت ۽ ان جا مخالف | احمد علي آرائين | ترجمو: ڊيماڪريسي اينڊ راڊولس. |
| جان هيليفاڪس | حبيب الله مرزا | جان هيليفاڪس. |
| **۱۹۵۷ع** | | |
| زندگي ۽ گل | عبداللطيف ميمڻ | ترجمو: لائيٽ اينڊ فلاورز |
| پرديسي پادري | احمد محمد ميمڻ | ترجمو : وائڪر آف ويڪفيلڊ. |
| اقتصادي انصاف | غلام رضا پٺو | ترجمو: ان ٽو دِ لاسٽ |
| رابنسن ڪروزو | سيد اقبال شاهه | ترجمو: رابنسن ڪروز |

| | |
|---|---|
| (٤٥) شاهه محمد صالح | پير رشد الله جهنڊي واري جي شاعري. |
| (٤٦) شيخ ثناء الله | پرمانند ميوارام جو سنڌي ادب ۾ حصو. |
| (٤٧) سومرو عبدالغفار | سنڌي زبان ۾ غزل جي ارتقاء. |
| (٤٨) ابڙو عبدالواحد | غلام علي مسرور جي شاعري. |
| (٤٩) شاهه قادن | تمر فقير جي شاعري. |

## ١٩٦٥ع

| | |
|---|---|
| (٥٠) رونجهو ولي محمد | منٺار فقير جي ڪلام ۾ شاعرائيون خوبيون. |
| (٥١) ميمڻ زليخا | حسين بخش ديدڙ جي شاعري. |
| (٥٢) عبدالستار نيڪ محمد | ثناء الله ثنائي جون ادبي خدمتون. |
| (٥٣) پٺو احسان الله | آغا غلام نبي صوفي. |
| (٥٤) شيخ محبت الله | محمد عالم جي مرثيه گوئي. |
| (٥٥) ميمڻ رانجهن | پاڪستان ٺهڻ کان اڳ افسانا نويسي. |
| (٥٦) مومن جمال الدين | پيرل فقير جي شعر و شاعري. |
| (٥٧) محمد ابراهيم | عبدالله مهيسر آسيءَ جون ادبي خدمتون. |
| (٥٨) بروهي محمد مبارڪ | مرحوم هدايت الله تنيي جون ادبي خدمتون. |
| (٥٩) شيخ نياز محمد | غلام سرور قادري فقير جي شعر و شاعري. |
| (٦٠) قريشي شاهجهان | سنڌيءَ ۾ علمي لفظن جو ذخيرو. |
| (٦١) ميمڻ امام بخش شمس | مير علي نواز علوي. |
| (٦٢) چنو محمد حسن | مرحوم خانبهادر امام بخش جتوئي 'صابر' جي شعر و شاعري. |
| (٦٣) قريشي عبدالرحمان | سروري خاندان جون ادبي خدمتون. |
| (٦٤) ميمڻ امام بخش | مولوي عبدالڪريم چشتي جون ادبي سرگرميون. |
| (٦٥) جوڻيجو غلام حسين | مولوي غلام رسول جتوئيءَ جي شعر و شاعري. |
| (٦٦) خاناڻي حامد علي قريشي | انگريزن جي ابتدائي دور ۾ سنڌي نثر جي عبارت. |
| (٦٧) پرديسي بلاول. | سچل جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات. |

## ١٩٦٦ع

| | |
|---|---|
| (٦٨) بلوچ غلام دستگير | ڏنبو ولي محمد جا ٻه گمنام شاعر. |
| (٦٩) محمد جمن | نانڪ يوسف جي سنڌي شاعري. |
| (٧٠) سومرو علينواز | نورعلي فقير جو ڪلام. |
| (٧١) ميمڻ وجيها | عبدالرحمان چانڊيو. |
| (٧٢) خان محمد | حاجي فتح علي شاه جو ڪلام. |
| (٧٣) ميمڻ ارشاد | موهن فقير. |

## ١٩٦٧ع

| | |
|---|---|
| (٧٤) ڪلياڻ داس | وريل فقير جي سنڌي شاعري. |
| (٧٥) سيتلداس | سائين ولايت راءِ جي سنڌي شاعري. |
| (٧٦) منسڪاڻي چندرا | لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي. |
| (٧٧) شيخ انور | ڪلام سيد عيسن شاه نقوي. |
| (٧٨) ميمڻ محمد موسيٰ | سنڌي صحافت جو سنڌي علم ادب ۾ حصو. |
| (٧٩) ٿهيم عبدالخالق | جيڪب آباد تعلقي جي علمي ۽ ادبي تاريخ. |
| (٨٠) ميمڻ عبدالغفور | 'اديب سنڌ' رسالي جو سنڌي علم ادب ۾ حصو. |

## ١٩٦٨ع

| | |
|---|---|
| (٨١) بلوچ امينه | آميد علي شاه جو ڪلام. |

## ١٩٦٩ع

| | |
|---|---|
| (٨٢) پختائي، موهن لعل هيرانند | سنڌي غزل ۾ تصوف جو عنصر. |
| (٨٣) خداد، محمد علي | خيرپور رياست جي شاعرن جي مرثيه گوئي. |
| (٨٤) زنگيجو عنايت الله | سنڌي مولود خواني لاڙ ۾. |

## ١٩٧٠ع

| | |
|---|---|
| (٨٥) سيد لعل شاه | پيرل شاه جي شاعري. |
| (٨٦) ميمڻ غلام حسين | عبدالرحمان عاصي ۽ سندس ڪلام. |

## ١٩٧١ع

| | |
|---|---|
| (٨٧) سانگي رضيه | عورت ۽ سنڌي شاعري. |
| (٨٨) شيخ محمد رحيم | رشيد احمد لاشاري جون ادبي خدمتون. |

١٩٧٨ع

(١٠٦) جويو تاج محمد — سنڌي گيت.

١٩٧٩ع

(١٠٧) سومرو ڪشمير — نسيم کرل ۽ سندس فن.
(١٠٨) جمالي، تاج محمد — مرحوم اميد علي شاهه جو ڪلام.
(١٠٩) ڪنڀار محمد ابراهيم (ٻچپاڻي) ڪپري تعلقي جو ادبي جائزو.

١٩٨٠ع

(١١٠) باگراڻي، احمد خان — نذير حسين حيدري جون علمي ۽ ادبي خدمتون.
(١١١) ٽالپر، محمد اسماعيل — مير مبارڪ خان ٽالپر جي شاعريءَ جو جائزو.
(١١٢) مگريو محمد عرس — مولانا مير محمد عنصريءَ جي ڪلام جو جائزو.

١٩٨١ع

(١١٣) ميمڻ، سڪينه — سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع جو علمي ادبي جائزو

١٩٨٢ع

(١١٤) شيخ الطاف احمد — سنڌيءَ ۾ لکيل سفرنامن جو تنقيدي جائزو.

١٩٨٤ع

(١١٥) چانڊيو شفيع محمد، — محمد عثمان ڏيپلائي جي ڊراما نگاري.
(١١٦) بروهي، داد محمد 'خادم' — سبي خطي جي فراڪي لهجي جو لساني ابياس.
١١٧) منور سلطانه — خليفي محمد عمر "اختر" هالائي جو ڪلام.
١١٨) لغاري عبدالجبار عابد — تاج پور جي لغاري نواب خاندان جون علمي ادبي خدمتون.

| | |
|---|---|
| (١١٩) ميرزا امام علي بيگ افسر | حيدرآباد جي شاعرن جي مرثيه گوئي |

١٩٩٥ع

| | |
|---|---|
| (١٢٠) هڪڙو، انور | سنڌي ادب ۾ شڪارپور شهر جو حصو. |
| (١٢ ) سيوائي، شڪنتلا | ضلعي جيڪب آباد جا ادبي ادارا ۽ انهن جي ڪارڪردگي. |

## پي- ايڇ- ڊي ٿيسز

| نالو | موضوع |
|---|---|
| ١٩٧١ع | |
| (١) غلام علي الانا | لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ. |
| ١٩٧٤ع | |
| (٢) عبدالجبار جوڻيجو | فارسي شاعريءَ جو سنڌي شاعريءَ تي اثر. |
| (٣) عبدالڪريم سنديلو | لوڪ ادب جو تنقيدي جائزو. |
| (٤) محمد صالح شاه | رشيدالدين شاه جو ڪلام. |
| (٥) عبدالمجيد ميمڻ | بيان العارفين جي تدوين. |
| ١٩٧٧ع | |
| (٦) الهداد ٻوهيو | سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج. |
| (٧) عبدالرحمان قريشي | سروري خاندان جون علمي، ادبي ۽ ديني خدمتون. |
| (٨) عطا محمد حامي | خيرپور ميرس جي ٽالپورن جو سنڌ جي سياسي، علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ حصو. |
| (٩) غلام حسين پٺاڻ | ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ. |

# سنڌي شعر جي مخزن جي ڏسڻي

## شاعري


| سوکڙي ١٩٦٤ | | ص |
|---|---|---|
| (١) شاهه عبداللطيف ڀٽائي | بيت | ١ |
| (٢) سچل سرمست | ڪافي | ٢ |
| (٣) سامي | سلوڪ | ٣ |
| (٤) بيدل فقير | ڪافي | ٤ |
| (٥) مير عبدالحسين خان سانگي | ڪافي | ٥ |
| (٦) شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ | نظم | ٧ |
| (٧) محمد صديق "مسافر" | غزل | ٨ |
| (٨) مراد علي ڪاظم | غزل | ٩ |
| (١٠) شيخ محمد ابراهيم خليل | غزل | ١٠ |
| (١١) مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | ڪافي | ١١ |
| (١٢) مولوي احمد ملاح | غزل | ١٢ |
| (١٣) شيخ اياز | گيت، نظم، دوها | ١٣—١٤ |
| (١٤) هري دلگير | غزل | ١٥ |
| (١٥) تنوير عباسي | نظم | ١٦ |
| (١٦) امداد حسيني | نظم | ١٧ |
| (١٧) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | وايون بيت | ١٩ |
| (١٨) حبيب الله مرزا | غزل | ٢٠ |
| (١٩) گل نصرپوري | ڪافي، غزل، نظم | ٢١ |
| (٢٠) علي محمد خالدي | غزل | ٢٥ |
| (٢١) الطاف عباسي | نظم | ٢٦ |
| (٢٢) سڪندر اعظم عباسي | غزل | ٢٧ |
| (٢٣) محمد سليمان جوڻيجو | غزل | ٢٨ |
| (٢٤) محترمه نظير "ناز" | دوها | ٢٨ |
| (٢٥) شمشيرالحيدري | آزاد نظم، غزل دوها | ٢٩ |

## سوغات ۱۹۶۶ع


| | | |
|---|---|---|
| (۲۷) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي | بيت | ۶۵-۶۶ |
| (۲۸) سچل سرمست | ڪافي | ۶۷ |
| (۲۹) حمل خان لغاري | بيت | ۶۸ |
| (۳۰) خليفہ گل محمد هالائي | غزل | ۶۹ |
| (۳۱) مير عبدالحسين خان سانگي | غزل | ۷۰ |
| (۳۲) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ | نظم | ۷۱ |
| (۳۳) محمد بخش واصف | نظم | ۷۲ |
| (۳۴) نرمل جيوتاڻي | نظم | ۷۲ |
| (۳۵) مولوي حاجي احمد ملاح | غزل | ۷۳ |
| (۳۶) رشيد احمد لاشاري | گيت | ۷۳ |
| (۳۷) محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي | ڪافي | ۷۴ |


## پورب ۱۹۶۹ع


| | | |
|---|---|---|
| (۳۸) ڊاڪٽر اسد الله شاهہ حسيني | ڪافي | ۱۳۱ |
| (۳۹) ڊاڪٽر احمد علي آرائين | ڪافي | ۱۳۲ |
| (۴۰) امداد حسيني | دوها، غزل، آزاد نظم، قطعو | ۱۳۲ |
| (۴۱) گل نصرپوري | قطعو | ۱۳۷ |
| (۴۲) عبدالجبار جوڻيجو | دوها | ۱۳۸ |


## پرک ۱۹۷۷ع


| | | |
|---|---|---|
| (۴۳) شيخ اياز | وايون | ۳ |
| (۴۴) تاجل ”بيوس“ | وايون ۽ گيت | ۱۹ |
| (۴۵) امداد حسيني | نظم، غزل، گيت | ۲۳ |
| (۴۶) تنوير عباسي | نظم، غزل | ۲۵ |
| (۴۷) نعيم دريشاڻي | آزاد نظم | ۲۷ |
| (۴۸) الطاف عباسي | تيڙو، وائي، غزل، نظم | ۳۰ |
| (۴۹) عبدالجبار جوڻيجو | چونڪ، دوها، آزاد نظم، هاڪا | ۳۲ |
| (۵۰) فتاح ملڪ | وائي، ٽيڙو | ۳۴ |
| (۵۱) سحر امداد | نظم | ۳۵ |
| (۵۲) استاد بخاري | آزاد نظم | ۳۶ |

| | | |
|---|---|---|
| (٥٣) بشير سيتائي | غزل | ٣٧ |
| (٥٤) عابد بلوچ | بيت، گيت، آزاد نظم، غزل | ٣٨ |

پرک ١٩٧٧ع

| | | |
|---|---|---|
| (٥٥) اياز گل | وايون | ٤٢ |
| (٥٦) مانيٽو آونو | دوها | ٤٣ |
| (٥٧) آدل سومرو | غزل | ٤٣ |
| (٥٨) نصير مرزا | غزل، نظم | ٤٤ |
| (٥٩) قاسم حيدر | نظم | ٤٥ |
| (٦٠) شيخ اياز | نظم | ٤٥ |
| (٦١) بلال اونو | ڪافي | ٤٦ |
| (٦٢) ناظم منگي | غزل | ٤٦ |
| (٦٣) اسحاق راهي | نظم | ٤٧ |
| (٦٤) فتح محمد چانگ راهي | نظم | ٤٧ |
| (٦٥) احمد خان "مدهوش" | نظم | ٤٨ |
| (٦٦) سرفراز راڄڙ | ڪافي | ٤٨ |
| (٦٧) سلطانه وقاصي | ڪويتائون | ٤٨ |
| (٦٨) اڪبر نظاماڻي | وائي | ٥٤ |
| (٦٩) ذوالفقار سيال | وائي، غزل، تيڙو | ٥٤ |
| (٧٠) آثار آرائين | نظم، غزل | ٥٥ |
| (٧١) اطهر منگي | آزاد نظم | ٥٦ |
| (٧٢) فريد يوسفاڻي | نظم | ٥٧ |
| (٧٣) محمد عثمان سولنگي | وائي | ٥٧ |

## مقالا

### سنڌي صحيفو ١٩٦١ع


| ليکڪ | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| (١) علي نواز جتوئي | علم لسان ۽ سنڌي زبان | ٢ |


### سوکڙي ١٩٦٤ع


| ليکڪ | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| (٢) محمد حسين ترڪ | منهنجو غير ملڪي دورو | ٦١ |
| (٣) غلام علي الانا | سنڌي زبان جا لهجا ۽ انهن جو ابياس. | ٦٥ |
| (٤) حبيب الله مرزا | سرگواسي نانڪرام ميرچنداڻي | ٧٣ |
| (٥) عبدالجبار جوڻيجو | قديم سنڌي شعر تي هڪ نظر | ٧٧ |
| (٦) محرم خان | مضمون نثري ادب جي هڪ صنف | ٨٥ |
| (٧) گل نصرپوري | مشرقي شاعريءَ ۾ محبوب جو تصور. | ٨٩ |
| (٨) مسز اختر صديقي | عمر بن محمد دائود پوٽو | ٩٤ |
| (٩) غلام محمد گرامي | ڪافي ۽ وائي | ٩٧ |
| (١٠) شمشيرالحيدري. | سنڌي "نظم" جي اوسر | ١٠٤ |
| (١١) غلام محمد گرامي | سنڌي غزل جي اوسر | ١١١ |
| (١٢) عبدالقيوم "صائب" | سنڌي مضمون جي اوسر | ١١٦ |
| (١٣) محمد اسماعيل عرساڻي | سنڌي ناٽڪ جي اوسر | ١٢١ |
| (١٤) ع.ق.شيخ | سنڌي افساني جي اوسر | ١٢٤ |
| (١٥) بيگم آمنه خميساڻي | شاهه جي ڪلام ۾ رومانوي عنصر | ١٣١ |
| (١٦) تنوير عباسي | جديد سنڌي شاعري | ١٣٦ |
| (١٧) شهر بانو ميمڻ | سنڌي ناول | ١٤٦ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (٦) | الياس عشقي | جسوڏن جيڏو | ١١٣ |
| (٧) | پروفيسر محرم خان | وائي سنڌ جي قديم سرائتي صنف | ١١٩ |
| (٨) | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | شيخ اياز ۽ سندس شعر جو لغوي پهلو | ١٣٣ |
| (٩) | ڊاڪٽر غلام علي الانا | ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ | ١٣٨ |
| (١٠) | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | سنڌي شعر لاءِ وزن جو مسئلو | ١٦٧ |
| (١١) | خيرالنساء جعفري. | هاچو ڪري هوا! آڌي جو آئي ويا | ١٦٠ |
| (١٢) | ابراهيم خشڪ | پورچوگيزن هٿان ٺٽي جي تباهي | ١٧٣ |
| (١٣) | شمس الدين عرساڻي | سر ٻڍرو ايلس | ١٧٩ |
| (١٤) | غلام حسين شيخ | پتلين جو تماشو | ١٨٢ |
| (١٥) | حبيب الله مرزا | مرزا قليچ بيگ ـ جديد سنڌي ادب جو باني | ١٨٧ |
| (١٦) | نور افروز خواجه | سنڌي افسانن ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي | ١٩٤ |
| (١٧) | غلام حسين پٺاڻ | ابتدائي سنڌي ناول ۾ سماجي حقيقت نگاري | ٢٠٥ |
| (١٨) | سلطان خواجه | سنڌي لوڪ ادب جي روشني ۾ سنڌي ثقافتي ورثي جو جائزو | ٢١٣ |
| (١٩) | تهمينه مفتي | قاضي نذرالاسلام | ٢٢٠ |


| ليکڪ | ڪهاڻيون | ص |
|---|---|---|

## سوڪڙي ١٩٦٤ع


| | | | |
|---|---|---|---|
| (١) | آفتاب احمد جوڻيجو | خواب گاهه مان هڪ خط | ٣١ |
| (٢) | سلطانه خواجه | حميده چري | ٣٤ |
| (٣) | شاهجهان قريشي | روئان، رهن نه سپرين | ٣٨ |
| (٤) | جمال رند | مانيءَ گهو | ٤٢ |
| (٥) | علي محمد خالدي | فيروزي طلسم | ٥١ |

## سوغات ١٩٦٦ع


| | | |
|---|---|---|
| (٦) نعيم صديقي | ٻهـڙاري تلوار | ٥٠ |
| (٧) علي اڪبر ميمڻ | شهيدان | ٥١ |


## پرک ١٩٧٧ع


| | | |
|---|---|---|
| (٨) جمال ابڙو | سينڌ | ٢٢٩ |
| (٩) خيرالنساء جعفري | ١٩٦٧-١٩٦٨-١٩٦٩ع | ٢٣١ |
| (١٠) ثميره زرين | آءٌ اِهائي مارئي | ٢٥٣ |
| (١١) شوڪت حسين شورو | وهندڙ پاڻي | ٢٦٨ |
| (١٢) حميد سنڌي | هڪ هرڻي جي ڳالهه | ٢٧٢ |
| (١٣) نجم عباسي | ڪارو صوبيدار | ٢٧٥ |
| (١٤) مظهر ميمڻ | ڊهندڙ پاڇا | ٢٨٢ |
| (١٥) تنوير جوڻيجو | آلا ڏاهي مَ ٿيان | ٢٩٠ |
| (١٦) سحر امداد | پيڙا جو پڙلاءُ | ٢٩٧ |
| (١٧) غلام نبي ڏيپر | ٿي دوست | ٣٠٢ |
| (١٨) قاسم ٻگهيو | گندرف | ٣٠٤ |
| (١٩) نسرين جوڻيجو | منهنجو ٻئون منهنجي ڏجوڙي | ٣٠٧ |
| (٢٠) عبدالقادر جوڻيجو | ويندڙ وهي ۽ لهندڙ سج | ٣١٠ |
| (٢١) لعل جسڪاڻي (مترجم) | پرڏيهه ۾ | ٣١٧ |
| (٢٢) لعل جسڪاڻي (") | پيٽر آرڪ ڏانهن خط | ٣٢٢ |
| (٢٣) مير خادم حسين ٽالپر | معصوم پار | ٣٢٧ |
| (٢٤) رشيد ڀٽي | وديا جي ويڇن | ٣٣٢ |
| (٢٥) سنڌيڪار: مراد علي مرزا | لهرين لڪ لباس | ٣٤٣ |


—o—

## هن پرچي جا ليکڪ

### ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب ۱۹۶۲ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم.اي ڪئي ۽ گولڊ ميڊل حاصل ڪيو. ساڳئي سال سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ هن وقت پروفيسر ۽ چيئرمن آهي. ۱۹۶۶ع ۾ پيڪنگ (چين) مان چيني ٻوليءَ ۾ ڊپلوما ۽ ۱۹۷۴ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ پي ايچ.ڊي ڪيائين.

ڪيس ننڍپڻ کان علم و ادب سان شوق رهيو. پاڻ ۱۹۵۴ع کان لکڻ شروع ڪيائين. هن وقت تائين، ڪهاڻي، ناول، تحقيقي ادب ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ پنهنجون ڪاوشون پيش ڪندو رهيو آهي. سندن ۲۱ ڪتاب ۽ لاتعداد مقالا مختلف موضوعن تي شايع ٿيل آهن.

### ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ جون لکڻيون تحقيق سان تعلق رکن ٿيون. سندس پسنديده موضوع آهن: ناول، تصوف ۽ تحقيق جا طور طريقا. پاڻ ۱۹۷۷ع ۾ سنڌي ادب ۾ پي ايچ.ڊي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. ۱۹۸۵ع ۾ سندس ڪتاب ”تحقيق جو فن“ کي ايڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد طرفان شاهه عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. سندس ٻه ڪتاب ۽ ڪيترائي مقالا ڇپيل آهن. ڊاڪٽر پٺاڻ ڊسمبر ۱۹۶۶ع ۾ سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو، جتي هن وقت پروفيسر جي عهدي تي فائز آهي.

### خادم حسين قريشي (قاضي خادم)

بي.اي. آنرز ايم.اي (سنڌي) ايم.اي (انگلش) ايل.ايل.بي

قاضي خادم ۱۹۷۰ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان مقرر ٿيو. هن وقت اسوسيئيٽ پروفيسر آهي. سندس خاص دلچسپي افسانوي ادب سان آهي. ۽ پاڻ ناول نگار، ڊراما نويس، افسانہ نگار، نقاد

ڪان علاوه ’لسانيات‘ ۾ گهري دلچسپي رکي ٿو. هن وقت ”سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي پس منظر“ جي موضوع تي ڪم ڪري رهيو آهي.

## ڊاڪٽر قمر جهان مرزا

ڊاڪٽر قمر جهان مرزا سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان فيبروري ١٩٨٥ع ۾ مقرر ٿي. پاڻ ايم.اي ١٩٧٨ع ۾ ايل.ايل.بي ١٩٧٨ع ۾ پي.ايڇ.ڊي ١٩٨٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. سندن تحقيقاتي مضمون اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهن ٿا. سندس ٿيسز جو پهريون جلد شايع ٿيڻ وارو آهي.

— O —




عظيم چيني اديب لوشن جو مجسمو